مطبوعہ ڀٽ شاهه ثقافتي مرڪز ڪميٽي
مقالو نمبر-٦

# سُر ڪنيات جو مطالعو

شاهه عبداللطيف ڀٽ شاهه ثقافتي مرڪز
ڀٽ شاهه حيدرآباد سنڌ

١٣٩٢ھ/١٩٧٢ع

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

مڪالمو نمبر-٦

# سر ڪنڀات جو مطالعو

حضرت شاه عبداللطيف ڀٽائي رحه جي ٻه سو اوڻيهين ٻارسي
(١٩٧١ع) جي موقعي تي منعقد ڪيل مڪالمي جي ڪارروائي.


مرتب

ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ
ڊائريڪٽر انسٽيٽيوٽ آف ايجوڪيشن
سنڌ يونيورسٽي، حيدرآباد سنڌ


Jeay Sindh


شاه عبداللطيف ثقافتي مرڪز ڪميٽي
ڀٽ شاه

١٩٧٢ع


www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

جڏهانڪر رسالي جي 'سرن' تي مڪالما شروع ٿيا، تڏهانڪر اهو فيصلو ڪيو ويو ته ڪارگذاري تي مشتمل ڪتابن ۾ انهن سُرن جو متن پڻ شايع ڪيو وڃي، جيئن پڙهندڙن کي حوالن ڏنل بيتن کي ڏسڻ ۾ آساني ٿئي. جيئن ته 'رسالي بابت تحقيق واري جامع رٿا' موجب، رسالي جي معياري متن کي شايع ڪرڻ ڏانهن پڻ قدم وڌائڻو آهي، انهي ڪري بنده راقم سوچيو ته هن سال کان وٺي، تجربي طور، هر سر جو متن مختلف قلمي ۽ ڇاپي رسالن کي ڀيٽي قائم ڪيو وڃي. انهيءَ مقصد خاطر، هن اشاعت ۾ 'سر ڪنڀات' جي متن کي تيرهن قلمي ۽ ڇاپي رسالن کي ڀيٽي قائم ڪيو ويو آهي، جو رسالي جي معياري متن مرتب ڪرڻ واري مقصد ڏانهن هڪ ابتدائي مگر اهم قدم آهي.

سنڌ يونيورسٽي
حيدرآباد سنڌ
٢٤- مارچ ١٩٧٢ع

خادم العلم
نبي بخش

Jeay Sindh

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

# فهرست


١. پيش لفظ — محترم الهہ بخش ايم. نظاماڻي ٣
اعزازي سيڪريٽري
٢. مرحبائي تقرير — محترم الهہ بخش ايم. نظاماڻي ٥
اعزازي سيڪريٽري
٣. سر ڪنڀات جي موسيقي — جناب منظور نقوي ٩
٤. سر ڪنڀات جو فلسفو — جناب زيب ڀٽي ١۴
٥. سر ڪنڀات جو فلسفو — جناب محمد بخش انصاري ٢١
٦. سر ڪنڀات جو موضوع — ڊاڪٽر شيخ محمد ابراهيم 'خليل' ٣١
٧. سر ڪنڀات جو مضمون — جناب ڪريم بخش چنہ ۵٧
٨. سر ڪنڀات جو روحاني راز — جناب شيخ عبدالرزاق 'راز' ٦٣
٩. سر ڪنڀات جو روحاني راز — جناب مير محمد پيرو ٦٨
١٠. سر ڪنڀات جون صرفي ۽ نحوي بناوتون — جناب ميمڻ عبدالمجيد سنڌي ٧۵
١١. سر ڪنڀات ۾ آيل فعل ۽ صيغا ۽ انهن جو استعمال — جناب محمد عمر معمور يوسفاڻي ٨٣
١٢. سر ڪنڀات جي لغت — جناب نجف علي 'ڪمتر' نقوي ٩٣
١٣. سر ڪنڀات ۾ قرآني تعليم — جناب محمد اڪرم انصاري ٩٩
١۴. سر ڪنڀات جو ڪلام — ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ ١٠٩
15. Elements of intense love and monotheism — Dr. Mohammed Ali Kazi


Jeay Sindh

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

# حضرت شاه عبداللطيف ڀٽائي جي رسالي ۽ سوانح
# بابت جامع تحقيقي رٿا

## (منظور ڪيل ثقافتي مرڪز ڪاهيٽي ٣٠- سيپٽمبر ١٩٦٦ع)

### (الف) رسالي جو سُرن وارو تحقيقي مطالعو

اشاعت جو سال

١. شاه عبداللطيف ڀٽائي جي ڪلام ۾ اسلامي اقدار ١٩٦٧ع
٢. شاه عبداللطيف ڀٽائي جي ڪلام ۾ انساني اخلاق ۽ ڪردار جو معيار ١٩٦٨ع
٣. شاه، سنڌي ٻوليءَ جو معمار ١٩٦٩ع
٤. سر ڪلياڻ جو مطالعو ١٩٧٠ع
٥. سر جمن جو مطالعو ١٩٧١ع
٦. سر ڪنڀات جو مطالعو ١٩٧٢ع

### (ب) رسالي ۽ سوانح بابت بنيادي مأخذن ۽ ڪتابن جي اشاعت

١. لطائف لطيفي (فارسي) ١٩٦٧ع
تاليف: مير عبدالحسين خان ”سانگي“
٢. شاه جو رسالو (برٽش ميوزيم وارو نسخو) ١٩٦٩ع
تصحيح: ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ
٣. احوال شاه عبداللطيف ڀٽائي ١٩٧٢ع
تاليف: مرزا قليچ بيگ
٤. شاه جي رسالي جا سرچشما ١٩٧٢ع
تحقيق: ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

# پيش لفظ

ڀٽ شاهه ثقافتي مرڪز ڪاميٽيءَ طرفان منعقد ڪيل مڪالمن جي سلسلي جو هيءُ ڇهون ڪتاب آهي. هن کان اڳ ١. ”شاهه جي، ڪلام ۾ اسلامي قدرون“، ٢. ”شاهه جي ڪلام ۾ انساني اخلاق ۽ ڪردار جو معيار“، ٣. ”شاهه، سنڌي ٻوليءَ جو معمار“، ٤. ”سر ڪلياڻ جو مطالعو“ ۽ ٥. ”سر جمن جو مطالعو“ شايع ٿي چڪا آهن. هن سال انهيءَ سلسلي جو ڇهون ڪتاب، ”سر ڪنڀات جو مطالعو“ اوهان جي هٿن ۾ آهي. هيءَ مقالا گذريل منعقد ڪيل مڪالمي جي موقعي تي پڙهيا ويا هئا.

اشاعت جو هيءُ سلسلو، شاهه عبداللطيف ڀٽ شاهه ثقافتي مرڪز ڪاميٽيءَ جي انهيءَ پروگرام جي ڪڙي آهي، جنهن هيٺ شاهه صاحب جي ڪلام ۽ سوانح تي معياري ۽ تحقيقي ڪتاب شايع ڪرڻا آهن. هن وقت تائين ـ ’حيات و شاعري‘ (اردو)، ’لطائف لطيفي‘ (فارسي: تصنيف مير عبدالحسين خان سانگي) ۽ ’شاهه جي رسالي‘ جو برٽش ميوزيم ۾ محفوظ نسخو ـ شايع ٿي چڪا آهن.

مڪالمي جي سلسلي ۾، ثقافتي مرڪز ڪاميٽيءَ جو اهو پروگرام آهي ته شاهه عبداللطيف ڀٽائي رحه جي رسالي جي هر سُر تي جامع مطالعو ڪرائي، هن نوعيت جا ڪتاب شايع ڪرائي، جيئن شاهه صاحب جي ڪلام جي مطالعي ڪرڻ وارن کي سندن ڪلام ۽ پيغام سمجهڻ ۾ سولائي ٿئي. هن سلسلي کي ڪامياب بنائڻ ۾ اسان جي عالمن، اديبن ۽ دانشورن جو وڏو هٿ آهي. سندن بي لوث تعاون جي ڪري ئي هيءُ سلسلو جاري آهي ۽ انشاءالله جاري رهندو.

Jeay Sindh

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

ثقافتي مرڪز ڪاميٽيءَ جي اها ڪوشش پئي رهي آهي ته ثقافتي سرگرمين سان گڏوگڏ، علمي، ادبي ۽ تحقيقي ڪم کي به پوريءَ طرح سان جاري رکجي. انهيءَ ڏس ۾ ڪاميٽيءَ طرفان، ’شاه جي رسالي‘ جي معياري ڇاپي جي تجويز منظور ٿي چڪي آهي، ۽ ان تي ڪم هلندڙ آهي، ۽ اميد آهي ته اهو ڪم وقت سر پايهٔ تڪميل تي پهچي ويندو.

بحيثيت اعزازي سيڪريٽري، آءٌ پنهنجو فرض ٿو سمجهان ته انهن مڃتي عالمن، اديبن ۽ دانشورن جا دل جي گهراين سان ٿورا مڃان، جن پنهنجي پُرخلوص تعاون ۽ قيمتي مقالن سان اسان کي نوازيو آهي. ان ڪان سواءِ آءٌ ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ صاحب جو به شڪرگذار آهيان، جنهن پنهنجي مصروفيات جي باوجود، هن ڪتاب کي مرتب ڪرڻ جو ڪم پنهنجي ذمي ڪيو آهي.

۲۲- مارچ ۱۹۷۲ع

الهه بخش ايم. نظاماڻي
اعزازي سيڪريٽري
ڀٽ شاه ثقافتي مرڪز ڪاميٽي

Jeay Sindh

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

# مرحبائي تقرير: ادبي مڪالمو

الهه بخش ايم. نظاماڻي، اعزازي سيڪريٽري
ڀٽ شاهه ثقافتي مرڪز ڪاميٽي.

محترم جناب عبدالرزاق ’راز‘ صاحب!

آءٌ ڀٽ شاهه ثقافتي مرڪز ڪاميٽي طرفان اوهان جو تهدل شڪر گذار آهيان، جو اوهان حضرت شاهه عبداللطيف ڀٽائي رحمة الله عليه جي عرس مبارڪ جي موقعي تي، دور دراز مفاصلي تان ڪهي، اچي هن ادبي سيمينار ۾ حصو ورتو، هن مڪالمي جي صدارت قبول فرمائي آهي.

اوهان جي شخصيت تعارف جي محتاج نه آهي. اوهان هڪ وڏا اديب، عالم ۽ اعليٰ پيماني جا شاعر آهيو ۽ اوهان سنڌي ادب جي جيڪا خدمت انجام ڏني آهي، تنهن کي وساري نه سگهبو.

آءٌ ٻين عالمن ۽ اديبن جو پڻ شڪريو ادا ڪريان ٿو، جن تڪليف وٺي هن مبارڪ موقعي تي ادبي سيمينار ۾ شموليت ڪئي آهي.

اوهان کي اهو ڏسي خوشي ٿيندي ته ثقافتي مرڪز گذريل پنجن سالن کان وٺي هن ادبي سيمينار جو سلسلو وڏي ڪاميابي سان شروع ڪيو آهي، جنهن ۾ اسان جا اديب ۽ عالم، شاهه جي ڪلام ۽ پيغام بابت پوري تحقيق ڪري پنهنجا اعليٰ معياري مقالا عوام جي اڳيان پيش ڪن ٿا، جن کي وري ڪتابي صورت ۾ هر سال شايع ڪيو وڃي ٿو. اڄوڪو موضوع هر سال جي پروگرام موجب، شاهه جي رسالي جي سُرن جي سلسليوار ”سُر ڪنڀات“ جي باري ۾ آهي. موضوع جو دائرو ڪافي وسيع آهي.

Jeay Sindh

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

نياپا ۽ سنيها پهچائڻ جو ذريعو بنايو آهي، چاڪاڻ ته چنڊ جو رخ هميشه مديني منور ڏانهن هوندو آهي. جيئن ته چنڊ ايرندي ڪان ايري اولهه طرف ويندو آهي، جيئن ته پاڻ فرمائي ٿو:

آءُ جي ڏيئين سنيها، سي تون چنڊ پلئه پنڌ
چنج حال حبيب کي، نئي نيوڙائي ڪنڌ
تو تيڏانهن پنڌ، جيڏانهن عالم آسرو.

ٻئي هنڌ فرمائين ٿا:

ناسيندي نگاه، پهرين ڪج پرينءَ ڏي
احوال عاجزن جا، آکج لڳ الله
روز نهارين راه، اکيون اوهان جي آسري.

حقيقت ۾ شاه صاحب هن سر ۾ جيڪي مجازي عشق جا راز ۽ پنهنجي پياري پيغمبر صلعم جي سڪ ۽ محبت جا نظارا ۽ روحاني راز جا نقشا چٽيا آهن، تن جو بيان ڪرڻ مشڪل آهي.

انهن چند لفظن بعد آخر ۾ وري به آءٌ ”راز“ صاحب ۽ ٻين معزز اديبن ۽ عالمن جو ٿورائتو آهيان، جن ڀلائيءَ جا پير ڀري، حضرت شاه عبداللطيف ڀٽائي جي عرس جي موقعي تي، هن ادبي سيمينار ۾ شريڪ ٿي، اسان جي همت افزائي ڪئي. هاڻي آءٌ صدر صاحب کي عرض ڪندس ته هو مڪالمي جو افتتاح ڪرڻ فرمائين.

الهه بخش ايم. نظاماڻي
اعزازي سيڪريٽري
ڀٽ شاه ثقافتي مرڪز ڪاميٽي

Jeay Sindh

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

سيد منظور نقوي

# موسيقي

هن کان اڳ، آءٌ حضرت شاه عبداللطيف ڀٽائي عليه رحمة جن جي سر ڪلياڻ جي موسيقي (۱) ۾ ٻڌائي چڪو آهيان ته، ’حضرت شاه عبداللطيف ڀٽائي رحه‘ جن جي ڪلام مان، ٽن قسمن جي راڳن جو پتو پوي ٿو: هڪڙا اهي راڳ آهن، جن جو وجود برصغير هند و پاڪ جي موسيقيءَ ۾ ملي ٿو؛ ٻيا اهي راڳ آهن، جيڪي سنڌ ۾ اڳي به مستعمل هئا؛ ۽ ٽيان آهي راڳ آهن، جن جو موجد حضرت شاه صاحب جن کي مڃيو ٿو وڃي. اڄ اسين حضرت شاه لطيف رحه جن جي جنهن سُر جي باري ۾ ويچار ڪري رهيا آهيون، اهو آهي سر ’ڪنڀات‘.

حقيقت ۾ ڪنڀات راڳ جو ذڪر به اسان کي برصغير هند و پاڪ جي موسيقيءَ جي ڪتابن ۾ ملي ٿو، پر ٿوري املاءَ جي فرق سان. سنڌيءَ ۾ انهي سر کي- ڪ، ن، ڀ، الف ۽ ت‘ سان لکيو ٿو وڃي، پر راڳ جي پراڻن گرنٿن ۾ سنڌس املاء- ڪ، م، ب، الف، واو، ت ۽ ي- ’ڪمباوتي‘ سان لکيل ملي ٿو. اهو لفظ اصل ’ڪمڀ‘ مان نڪتل آهي، جنهن جي معنيٰ آهي، ’چشمو.‘ پر جيئن ته ’نون‘ ۽ ’ميم‘ اکرن جي وچ ۾ اچڻ سان قريب المخرج هجڻ جي ڪري ذري گهٽ ساڳيو ساڳيو اچار ڏين ٿا؛ جيئن قمبر يا قنبر. ان ڪري تلفظ ۾ ڪو خاص فرق نٿو معلوم ٿئي. سنڌي زبان ۾ قديم زماني کان ’ڪنڀ‘ جو لفظ مستعمل آهي. حضرت شاه لطيف جن خود پنهنجي ڪلام ۾ هڪ هنڌ فرمايو آهي ته:

---

(۱) ڏسو ”سر ڪلياڻ جو مطالعو“ مطبوع ڀٽ شاه ثقافتي مرڪز ڪميٽي، سنه ۱۹۶۰ع

Jeay Sindh

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

راڳ ڪمباوتيءَ جي آروهي امروهي هيءَ آهي-

آروهي: سا، ري، گا، پا، ما، ڌا، پا، ني، سا.

امروهي: سا، ني، ڌا، پا، ڌا، ما، گا، ما، سا.

هن راڳ جو وادي سر ڪرج يا گنڌار ليکيو ويندو آهي، ۽ سموادي سر، پنچم يا نکاد تصور ڪيو ويندو آهي. راڳ جي چاڻن، هن راڳ جي ڳائڻ جو وقت، رات جو ٻيو پهر چاڻايو آهي، اهو ئي سبب آهي جو رسالي جي ترتيب ۾ هي راڳ يمن ڪلياڻ کان پوءِ، ۽ سهڻيءَ کان اڳ رکيو ويو آهي. هن راڳ ۾ کماج ۽ مانڊ ملبل معلوم ٿين ٿا، ۽ راڳ جي ماهرن جو قول آهي ته هن راڳ جي خاص تان 'گا، ما، سا' آهي. هي راڳ اڄڪلهه جي محفلن ۾ گهٽ ڳايو ويندو آهي.

آنجهاني گربخشاڻي شاه جي رسالي جي پهرئين جلد ۾ لکيو آهي ته ”ڪنڀات کي کماچ به ڪري چوندا آهن.“ جو سراسر غلط آهي، ڇو جو ڪنڀات ۽ کماچ ٻه جدا راڳ آهن.

حضرت شاه عبداللطيف ڀٽائي عليه الرحمة جن جي محفل سماع ۾ فقير، شاه جي راڳ جي خاص انداز موجب هن راڳ کي ٻه امروهي يعني مٿان کان هيٺ لهڻ وارن سرن ۾ ڳائيندا آهن. فقير حلقي ۾ ويهي پهرين ڪنڀات راڳ جو سڏ وجهندا آهن، جنهن کي راڳدارنءَ ۾ آلاپ چئبو آهي ۽ پوءِ تنبور تي سر جي داستان جا بيت چوندا آهن ۽ بيتن کان پوءِ تنبور جي مخصوص لئي تي وائي چوندا آهن.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

# فلسفو

حضرت شاه عبداللطيف ڀٽائي عليه الرحمة جو ڪل ڪلام، لطيف جذبن جو فڪرانگيز فلسفو آهي. لطيف جي شاعري انساني احساسات ۽ امنگن جو ڀرپور ڀنڊار آهي. سنڌس مختلف سرن ۾ مختلف رنگ ۽ روپ ڀريل آهن، جو روح جي رمق سان ٻہار جي پاتال ۾ پيهي وڃي ٿو.

لطيف سائين سُر ڪنڀات ۾ مجازي محبت ۽ نفس جي نادانيءَ جو فلسفو فصيح ۽ سليس زبان ۾ سمجهايو آهي. شاه صاحب جو هي سر سنڌس زندگيءَ جي اهم حصي، يعني جوانيءَ واري دؤر ۾ چيل ٿو ڀانئجي. جوانيءَ جي دور ۾، هر انسان تمام ڏکئي امتحان مان گذرندو آهي. جواني جيئن جذبات ۽ جوش، جدت ۽ شدت سان زندگيءَ ۾ داخل ٿيندي آهي تہ تمنائن جا طوفان ڪڙا ٿي پوندا آهن، ۽ مجازي محبت جا مچ مچي پوندا آهن. پرينءَ جي پار جا پنڌ ۽ پيچرا پچائبا آهن. انتظار ۽ اوسيڙو دل ۾ درد جي دونهي دکائيندو آهي. پيار پريا پيغام پهچائڻ لاءِ ڪنهن قاصد جو سهارو وٺبو آهي. جانب جي جمال ۽ حسنِ ڪمال جون حد بنديون هونديون آهن، جيئن لطيف فرمائي ٿو تہ:

چوڏهينءَ چنڊ! تون آڀرين، سهسين ڪرئين سينگار
ٻاڪ پرين جي نہ پڄين، جي حيلن ڪرئين هزار
جهڙو تون سڀ ڄمار، تهڙو دَم دوست جو.

پر لطيف پرينءَ جي سڪ ۽ وڇوڙي واري واٽيءَ ۾ وري بہ چوي ٿو تہ:

سهسين سجن اُڀري، چوراسي چنڊن
بالله ري پرينءَ، سڀ اونداهي ڀانئيان.

يعني سهسين سورج ۽ سوين چنڊ اڀرن ته به سائينءَ جو سونهن ته پرينءَ کان سواءِ هن ساري خدائيءَ ۽ ڪائنات کي اونداهي سمجهان. سجڻ جي سونهن کي چنڊ جي چانڊاڻ ۽ اجاڻ تي فلسفيانه انداز سان پيش ڪيو اٿس، اهو لطيف جو ئي حصو آهي: فقط ٻن سٽن جي هن ننڍي شعر ۾ چڻ سجڻ جي ساري سونهن جي سمنڊ کي سموهي ڪوزي ۾ بند ڪيو اٿس. فرمائي ٿو ته:

چنڊ تنهنجي ذات، پاڙيان نه پرينءَ سين
تون اڇو ۾ رات، سجڻ نت سوجهرا.

سپرينءَ جي سونهن جي ساراهه ۽ سندس سندرتا اڳيان سهسين سجن ۽ چنڊن جي جاءِ نه آهي. سڀ ستارا لالڻ اڳيان لڄي ٿيو پاڻ لڪايو ڇڏين. جوهر جو جمال، جانب اڳيان جهڪو ٿيو وڃي. جيئن لطيف سائين فرمائي ٿو:

ڪڻي نيڻ خمار مان، جان ڪيائون ناز نظر
سورج شاخيون جهڪيون، ڪُوماڻو قمر
تارا ڪتيون تائب ٿيا، ديکيندي دلبر
جهڪو ٿيو جوهر، جانب جي جمال سين.

چنڊ گهٽو ئي حسين هجي پر اُن کي محبوب جهڙيون من موهيندڙ اکيون ۽ نزاڪت ڀريو نڪ ناهي. محبوب جي چهري تي خط ۽ خال اهڙين آهن جيئن ڪنهن قابل نقاش جي فڪر ۾ فنا ٿيل فنڪاري ۽ نقش نگاري. ڀٽائي صاحب فرمائي ٿو ته:

چنڊا! چوانءِ سچ، جي مَثبين نه ڀانئيين
ڪڏهن اُڀرين سنهڙو، ڪڏهن اُڀرين ڳچ
منهن ۾ ٻري مچ، تو ۾ ناهه ڀيشاني پرينءَ جي.

لطيف ٻين شاعرن وانگر بادِ صبا کي نه پر چنڊ کان قاصد جو ڪم ٿو وٺي ۽ ان کي سجڻ لاءِ سنيها ٿو ڏي. ان کان اڳ

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

نفس ناداني۽ جي دائري ۾ داخل ٿي، اکين تي ڪِرِپا چاڙهي، انڌ جي گهوڙي تي سوار ٿئي ٿو، ۽ پنهنجي ۽ پلجي بي راه و روي اختيار ڪري ٿو. لطيف هڪ نبض شناس هوشيار حڪيم وانگر وري فرمائي ٿو ته:

اکين متي اکيا، پـڙ ۾ پير گناه
وڪ ڪِـ وسرياء، پڌو جيئن وهين.

لطيف فطرت جو اُونهو اڀياس ڪندي، تيز ۽ تکي نظرشناسي۽ ۾ يڪتا آهي؛ فقط چندن وڻ جي وصف ڪي ونجي ته هن وڻ جي ٿُڙ جـي ٽڏاڻ، نانگ جهڙي زهريلي جيت تي جادو ڪيو آهي. چندن جي چوٽين تي پکين جون پياريون ٻوليون پڌيون آهن. ٽارين تي باندر جهڙا شرير جانور جهومندا نظر ايندا آهن ۽ گلن تي پنؤرن جي ڦيرا ڦيري هوندي آهي. عجيب آهي چندن وڻ، جو پهن وٽن ڪان وڏيڪ ساري سنسار کي سڳنڌ سان واسيو ڇڏي. چندن جي چُوري سان، سرير جي سونهن کي سرس ڪرڻ ڪاڻ، ڪئين ڪماريون، تلڪ جو نشان نرڙ تي نروار ڪن ٿيون. چندن ڪاٺي۽ جي چُوري مان خوشبودار واس ڏوپ ۽ هڳڪار حاصل ٿئي ٿي. لطيف پنهنجي ڪلام ۾ ڪرهي کي چندن جا چُوپا ڪاٺڻ جي آڇ ٿو آڇي، پر آٺ نيٺ آٺ! نفس نيٺ نادان. چندن جا چوپا ٺوڪاري وڃيو لاڻي۽ جـي لغار ۾ بڇڙاين ۽ بدڪارين جي ويجهو پوي. لطيف جو هي شعر انهي۽ سلسلي ۾ ڪيڏو نه سهڻو مثال آهي؛ فرمائي ٿو ته:

ڪاڻي نه ڪنٺهار، چندن جا چوپا ڪري
اگر اوڏو نه وڃي، سرڪنڊ لهي نه سار
لاڻي۽ جـي لغار، ميـو متـارو ڪيو.

ليڪن لطيف سائين چوي ٿو تـه ان آٺ کي بـه سڌو ڪري سگهجي ٿو. نادان نفس کي به نهوڙي سگهجي ٿو. نفس آماره کي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

پنهنجي پاڪ محبت جو بيدرديءَ سان انت آڻي ٿو. پر لطيف ڪٿي به محبوب سان گستاخ نہ ٿيو آهي. لطيف جي محبت جو هي مثال، نياز ۽ نوڙت جو مثال، انساني عظمت جي نشان دهي ٿو ڪري. لطيف سائين فرمائي ٿو تہ:

توڙي تڙئين تون، يا الا تو در توءِ نہ ڇڏيان!
مون کي سو مشاهدو، جي منهن نہ ڏئين مون
مون پيا در کهٽا نهاريا، آهئين تون ئي تون.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

محمد بخش انصاري

# فلسفو

سر ڪنڀات ۾ مجازي توڙي حقيقي عشق جون جهلڪون ملن ٿيون ”ڪٿي اي حقيقت نظر آ مجاز مين“ جي مصداق موجب، شاهاڻو شاهه پڻ مجاز مان ٿپي، حقيقت جي وادي ۾ قدم رکي ٿو. بوعلي شاهه قلندر پڻ پنهنجي مشهور عارفانه مثنوي ۾ حقيقي محبوب سان مجاز جي معرفت، راز ۽ نياز جون ڳالهيون ڪري ٿو.

مرحبا اي بلبلِ باغِ ڪهن – از گلِ رعنا بگو با ما سخن

”مرحبا! اي پراڻي باغ جي بلبل، مون سان رعنا گل جي معرفت ڳالهاءِ.“

مولانا رومي ڪي پڻ نڙ ۽ سرندي جي معرفت سڪ ۽ سوز جي ٻاجهاري ٻولي ٻڌائي پيئي. جيئن ته مثنوي جي شروعات ئي اجهو هيئن ٿي ٿئي:

بشنو از ني چون شڪايت مي ڪند – و ز جدائيها حڪايت مي ڪند

تا هرا از نيستان ببريده اند – از نفيرم هر دو زن ناسيده اند

خشڪ مغز و خشڪ تار و خشڪ پوست

از ڪجا مي آيد اين آواز دوست

ساڳيءَ طرح سُر ڪنڀات جي باب پهرئين جي شروع ۾ محبوب جي مجازي عشق لاءِ چنڊ کي ۽ ٻئي باب جي منڍ ۾ محبوب جي ميلاپ لاءِ ڪرهي کي وسيلو بڻايو آهي.

پراڻي وقت کان وٺي عربي، فارسي ۽ هندي شاعر محبوب جي منهن کي چنڊ جي چهري سان ڀيٽيندا آيا آهن؛ جو ته هر دور ۾ چنڊ ئي انسان ذات کي لڪي ڇپي نت نئين نئين لباس ۾ پنهنجو پاڻ پسائيندو آيو آهي. جيئن امير خسرو، نظامي ۽ سعدي، محبوب جي خداداد حسن کي چنڊ سان مقابلو ڏين ٿا.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

اي چهرهٔ زيبائي تو رشڪِ بتانِ آزري
شمسي ندانم يا قمر يا زهره و يا مشتري
(خسرو)
شدم بر صورتي عاشق ڪہ برمہ مي ڪند غوغا
چہ صورت صورتِ دلبر چہ دلبر دلبرِ زيبا
(نظامي)
اي ببالا چون صنوبر وي رخت چون م وه
زلف داري همچو عنبر لب چوش-و-ڪ-و-ر
(سعدي)

انهن مڙني مٿين بيتن جو مطلب اهو آهي تہ سپرينءَ جي سونهن چنڊ جهڙي يا چنڊ کان سوائي سرس آهي، مگر شاهہ جو طرز بيان نهايت سادو ۽ دل وٽندڙ آهي. جيئن تہ

”قمر پاڙي ڪير، شمس سپرين سين“

ستاري، چنڊ ۽ سج جي سونهن پڻ حضرت ابراهيم کي ڀنيلائي ڇڏيو تہ شايد اهي منهنجا خالق ۽ مالڪ آهن. ”و إذا رئ قمر بازغة – و إذا رئ شمس بازغة .... لا أحبُ الآفلين“ (آءٌ لهي ويندڙن کي پسند ڪونہ ٿو ڪريان). حضرت ابراهيم وانگر شاهہ پڻ چنڊ جو نقش ڳولي لڌو.

چنڊ تنهنجي ذات، پاڙيان نہ پرين سين
تون اڇو ۾ رات، سڄڻ نت سوجهرو.

اها بہ شاهہ جي طرز بيان جي خوبي آهي، جو چنڊ کي سندس اوڳڻ اهڙيءَ طرح ٻڌائي ٿو، جو جيئن سندس دل آزاري نہ ٿئي.

چنڊ چوڏين سچ، جي مٿين نہ پائيين
ڪڏهن ايرين سنهڙو، ڪڏهن ايرين ڳچ
منهن ۾ پرڙي مڇ، تو ۾ناهہ پيشاني پرينءَ جي.

چوڏهين جو چنڊ، جو سهسين سينگار ڪري نڪري ۽ هزار حيلا هلائي تہ بہ پرين جي پلڪ برابر نہ ٿئي. مگر حقيقي محبوب

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

جي حسن آڏو ۽ جانب جي جمال سامهون، سورج جهڪو، قمر ڪومائجي، تارا ۽ ڪتيون تائب ٿي وڃن ٿا. جيئن سعدي ٿانڊاڻي جو مثال ڏنو آهي، جو زبان حال سان چوي ٿو ته آءٌ ته ڏينهن رات اتي ئي زمين تي هوندو آهيان، مگر سج جي سامهون ظاهر نه هوندو آهيان.

که من روز و شب جز صحرا نيم – ولي پيش خورشيد پيدا نيم

چنڊ ويچاري جي ڪهڙي مجال آهي جو دلبر جي ديدار جي مقابلي ۾ بيهي سگهي. جيئن مغلن آئي پارسي وسري ويندي آهي، تيئن "چنڊ ڪتين سان، پيهي ويو پرلاءِ ۾."

سعدي، دلبر جي هڪ تر تان سمرقند ۽ بخارا جا شهر گهوري ٿو ته:

اگر آن ترک شيرازي بدست آرد دلِ مارا
بخالِ هندوش بخشم سمرقند و بخارا را

ته شاهه صاحب چنڊ جي سڄي عمر، دوست جي هڪ دم برابر به ڪونه ٿو ڪري:

"جهڙو تون سڀ ڄمار، تهڙو دم دوست جو"

محبن حي ملاقات لاءِ تارن ۽ چنڊ جي واٽ ڏسي ٿو.

توڏانهن گهڻو نهاريان، تارا تيلاهين
سڄڻ جيڏاهين، تون تيڏانهن اڀرين.

ايراني شاعرن قاصد جو ڪم واءُ کان ورتو آهي، جيئن حافظ چيو آهي ته:

اي صبا بلطف بگو آن غزال رعنا را – که سر بکوه و بيابان تو داده ما را

"اي واءُ! تون نياز ۽ نوڙت سان ان محبوب کي چئو ته تنهنجي سوداءَ ڪري مون کي رڻ رلٽا پيا ۽ ڏونگر ڏورڻا پيا."

شاهه وري چنڊ کي قاصد ڪري ٿو، چو ته موچاري محبوب ڏي قاصد به موچارو ئي هجي. اها به شاهه جي نئين ڳالهه آهي ته نياڳي سان گڏ چنڊ کي اِها به التجا ڪري ٿو ته اڀرڻ سان پهرين نظر پرين ڏي ڪري ۽ وڏي عاجزي، نوڙت ۽ نياز

جنهن ول گهٽا وهائيا، آن سين آر لڳياس
چوڌاري چنڊن وڻ پڇي پوڄ پياس
راڙي رت ڪياس، هن ڪڌاتوري ڪرهي.

جنگ بدر ، خندق، حنين، فتح مڪہ ۽ فتح خيبر ڪان پوءِ، حضور صلعم اصحابن کي چيو تہ اچو تہ هڪ وڏي جهاد جي تياري ڪريون. اصحابن سمجهيو تہ ڪو اڃا وڏو معرڪو سر ڪرڻو آهي، ۽ پڇيائون تہ اها ڪهڙي لڙائي آهي، جنهن لاءِ اسين تيار ٿيون؟ وراڻيائون تہ اها جهاد بالنفس آهي، جا جهاد اڪبر آهي. هن هيئنين بيت ۾ ميا (آٺ) مان مراد نفس ورتل آهي ۔ جرپٽيون مان ۔مفهوم دنوي حرص هوس جون لاهيون چاڙهيون آهن، جي منزل ۽ مقصد کان هٽائيندڙ آهن. ”سپريان جي سٽ“ مان مطلب محب سان ميلو آهي:

مِيا! مـچ منٿ، اڄ منهنجي ڪرها
جها ڳيندي جرپٽيون، متان ڪرين ڪٽ
سپريان جي سٽ، مون کي نيئي ميڙئين.

نفسيات ۽ فلسفو پڻ ان جا قائل آهن تہ ڏک، سور ۽ سختيون، انسان جي شخصيت جي تعمير ڪن ٿيون ۽ کيس مڪمل بڻائين ٿيون. مشهور جرمن فلسفي Kant پڻ ان ڳالهہ جو قائل آهي، ۽ ان جو مثال پکيءَ جي اڏرڻ جـو ڏئي ٿـو. ۔موجوده سائنس پڻ اهو ثابت ڪيو آهي تہ پکي خالي جاءِ Vakum تي ڪونہ ٿـو اڏري سگهي، ۽ هـوا جي مزاحمت ۽ رنڊڪ ئـي ان جـي پرواز جو سبب بڻجي ٿي. مٿيون بيت پڻ انهيءَ معنيٰ جي روشنيءَ ۾ ڪم ڏيندو.

ڪرهي جي معرفت سچو نفس کي خطاب ٿيل آهـي ۔ ڪرهي کي اگر، مصري جا سنگ، چنڊن جا چوها، ۽ ميندي جا ڏار ٿو کارائي، سون جي مهار ٿـو پارائي، ياقوت جا ڳڻ ڳانا ٿو ٻڌي ۽ سندس هودي تي مـوتين جي مالهہ ۽ ريشمي ڪپڙا ڏـو لڳائي، مگر ڪرهو دنيائي ڏيک ويک تي پنيلجي،

ڪرهو نه ڪيڪان، پيرين آءٌ نه پڄڻي
جو مون رات رسائي، نيئي سڄڻ ساڻ
مون نه وهيٽو پاڻ، ويئي نينهن نچوئيان.

قرآن شريف ۾ آهي ته ”يـاٰيها الانسان اِنک کارحٌ الیٰ ربک کدحاً فملاقيه“ (انشقاق)

”اي انسان! تون پنهنجي رب تائين پهچڻ ۾ ڪوشش ڪرين ٿو، پوءِ تون ان سان ملندين. مگر ان لاءِ نفس کي مارڻو، حرص هوا تي پابندي رکڻي پوندي.“

ڪرها ڪسر ڇڏ، وک وڌندي پاءِ
منهنجو هلڻ اتهين، جتي جانب جاءِ
تو کي چندن چاريان، پيو وگ لاڏي ڪاءِ
ايهين آٿ آثاءِ، جيئن هونديءَ رات هت مڙون.

قرآن شريف ۾ پڻ آهي ته ”يـاٰيتها النفس المطمئنة ارجعي الیٰ ربک راضية مرضية ٥ فادخلي في عبٰدي ٥ واد خلي جنتي“ (اي اطمينان وارا روح! تون پنهنجي رب ڏانهن موٽ. تون هن کان خوش هجين ۽ هو تومان راضي هجي، پوءِ تون ٻانهن ۾ شامل ٿي، جنت ۾ داخل ٿي وڃ).

انڌي تقليد ڪيترين قومن کي گمراهه ڪيو آهي. قرآن پڻ اهڙي تقليد جي برخلافي ڪئي آهي. گمراهه ماڻهن جو اهو جواب هوندو آهي ته اسان جا ابا ڏاڏا ائين ڪري ويا، يا پيا ڪيترا ماڻهو ائين ڪن ٿا. جيئن حضرت ابراهيم پنهنجي قوم کان پڇيو ته اوهان بتن جي ڇو ٿا پوڄا ڪريو؟ انهن پڻ ساڳيو جواب ڏنو ”قالو وجدنا آبائنا لها عٰبدين ٥ قال لقد کنتم انتم و آباؤ کم في ضلٰل مبين“ شاهه صاحب پڻ انهيءَ سلسلي ۾ چئي ٿو ته ڪرهو پنهنجو پاڻ کي ڪونه ٿو سجائي، رکو انڌي تقليد ۾ وڳ جي پويان ٿو لڳي.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

ڦلاٽيان ڦيو، اولاٽيو نہ اُٿيو
جيڏانهن وڳ ويو، اُيو ترسي اوڏهين.

---

وڏڦڙو ۽ واءُ، ڪرهي ڪاڏو ڪوڙيو
ڪوءِ، ڦن ڦلاٽيان، اولاٽيو نہ اٿيو.

آخرڪار وارو وريو ۽ نفس کي عشق جي لغار لڳي، لنوءِ لڳڻ ڪان پوءِ سندس ڏنگ ڏاڍايون نڪري ويون:

اُٺ نہ وڃي وڳ سين، چري نہ چانگو
لڳس نائڪ نينهن جي، نهوڙيو نانگو
ڇڏي سر سانگو، رڙهي رند پرين جي.

ڪرهي جي دنيا ئي بدلجي ويئي:

اڄ نہ اڳينءَ ڍار، ڪرهو جيئن ڪالهہ هيو
اڱڻ آيو نہ ڪري، ڦاهوري ڦچار
جيڪس منجهہ قطار، ڪا ول چنائين وهہ جي.

عشق جي آزمودي ڪان پوءِ ڪائنس دڳ وسري وڃي ٿو، لائي جي لغار ڪيس ميو متارو ٿي ٻڌائي. نيٺ چنايو تيڏانهن ڦيو تائي جيڏانهن چاهہ ۽ چس ڇڪي آيو آهي. پوءِ تہ زنجيرن ۾ بہ ڪونہ ٿو جهلجي، نو نير، ڏهہ ڏاوٽيون ۽ پندرهن پينڌ بہ ٽوڙيو ڇڏي. پرين جي پور پوڻ سان سڀ چنايو ڇڏي:

نو نير ڦائي، جان مون هينئڙو جهليو
وئڙو چنائي، ڦوئين رات پرين ڏي.

مولانا رومي ڪهڙو نہ چڱو چيو آهي تہ:

گرچہ تفسير و بيان روشن گر است ـــ ليڪ عشق بي زبان روشن تر است
ڪاشڪي هستي زباني داشتي ـــ تا ز مستان پرده ها برداشتي
اي خدا بنما تو جان را آن مقام ـــ ڪاندران بي حرف مي رويد ڪلام

”اگرچہ تفسير ۽ بيان ڳالهہ کي کوليندڙ آهي. مگر خاموش عشق وڌيڪ واضح آهي. جيڪر مستي ۽ مدهوشي کي بہ زبان هجي، جا مستن ۽ مجذوبن جا راز ٻڌائي. اي الله! تون مون کي اهڙي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

منزل تي پهچاء، جتي بنا ڳالهائڻ جي گفتگو هلندي آهي. رمزن ۽ راز کلندا آهن.''

ٻئي هنڌ مولانا رومي چوي ٿو ته، منهنجي ديوانگي ايترا ته زنجير ڇنا، جو سڀ ڇريا به مون کي نصيحت ڪرڻ لڳا.

باز ديوانه شدم من اي طبيب ـــ باز سودائي شدم من اي حبيب
چون چنان ديوانگي بگسست بند ـــ ڪز همه ديوانگان پندم دهند

ڪرهو بي بها آهي، سنڌس ملهه مهانگو نه ڄڻو، ڇو ته هو ماڳ ۽ منزل تي پهچائي ٿو، جيئن شاه صاحب چوي ٿو:

لڪ لاڪيڻو ڪرهو، ڪوڙين ڏيئي ڇوڙ
اهڙا ست سيد چئي، جنهين تنهين جوڙ
ترت رسائي توڙ، جه پلاڻيو ته پرينءَ مڙئي.

آخر ۾ شاهه صاحب ڪنيات جي نار واري وڻجاريءَ کي نصيحت ٿو ڪري ته هوءَ نااميد نه ٿئي. ڪڏهن نه ڪڏهن سنڌس صداقت وڃي هٿي هنڌ ڪندي.

ڪنياتڙي ڏڄ وري، آيي تڙ واجهاء
مان اڇون ڪاء، سواڏائي سڄڻين.

ڊاڪٽر شيخ محمد ابراهيم 'خليل'

# موضوع

## تمهيد

سنڌ جي مقبول ۽ پسنديده ڪتابن ۾ سڀ کان وڌيڪ پسند ڪيل ڪتاب 'شاهه جو رسالو' آهي. ان جي مقبوليت جو اهو عالم آهي، جو اهڙو ڪٿي پٽيان ويو آهي ڇپجندو. سڀ کان پهريون ڇپيل رسالو ٽرمپ صاحب جو آهي. ان کان پوءِ بمبئي جو 'ڪريمي ڇاپو' آهي. ڪريمي ڇاپي کان پوءِ اڄ سوڌو ٻيا ڪيترا رسالا ڇپجي چڪا آهن. جهڙوڪ: قليچ جو، ڊاڪٽر گربخشاڻي جو، غلام محمد شهواڻي جو، مولانا غلام مصطفى قاسمي جو، ڪلياڻ آڏواڻي جو وغيره. انهن سڀني رسالن ۾ سڀ کان نرالو ڇاپو خانبهادر محمد صديق ميمڻ جو رسالو آهي. انهيءَ رسالي جون ڪي خصوصيتون آهن، جنهن مان سڀ کان نمايان ۽ وڏي خصوصيت هيءَ آهي ته اهو رسالو بمبئي جي ڪريمي ڇاپي جو اهڙو نقل آهي، جو جنهن لفظ سان ڪريمي ڇاپي جو صفحو شروع ٿو ٿئي، ساڳئي لفظ سان خانبهادر محمد صديق جي رسالي جو صفحو به شروع ٿو ٿئي، ۽ جنهن لفظ تي ڪريمي ڇاپي جو صفحو ختم ٿو ٿئي، تنهن لفظ تي خانبهادر واري رسالي جو صفحو به ختم ٿو ٿئي. انهي نقل جي اها حالت آهي جو ان جي پابندي لفظ لفظ ۽ سٽ سٽ ۾ ڪئي ويئي آهي. جنهن وٽ به اهي ٻئي ڇاپا هوندا، تنهن جي علم ۾ اها خصوصيت ضرور هوندي. هن خصوصيت جو بيان خانبهادر محمد صديق پنهنجي ڇاپي جي ديباچي ۾ ڪيو آهي. ٻيو فرق انهن ٻنهي ڇاپن ۾ صورتخطي جو آهي. بمبئي جو ڪريمي ڇاپو پراڻي سنڌي ۾ قلمبند ٿيل آهي، ۽ خانبهادر محمد صديق وارو رسالو هاڻوڪي صورتخطي ۾ قلمبند ٿيل آهي. اهي ٻئي رسالا ليٿو ۾ ڇپيل آهن.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

انهن سيني مختلف ڇاپن جو پاٺ ۾ بيت ڪرڻ سان رڳو هڪ سر ڪيڏاري بابت بحث پيدا نٿو ٿئي، بلڪ هرهڪ عالم پنهنجي رسالي کي اهڙي طرح ترتيب ڏني آهي، جو سر جا بيت ٻن رسالن ۾ نه هرعدد ملن ٿا نه هرصورت. هڪڙي سر ۾ هڪ عالم ڪجهه بيت لکيا آهن ۽ ڪجهه ڇڏي ڏنا آهن. انهي کان سواء اهو به ڏسڻ ۾ تو اچي ته بعض سرن ۽ بعض داستانن ۾ بيتن جو شمار پاٺ ۾ ملي ٿو، پر انهن ٻنهي رسالن ۾ بيت پاٺ ۾ نٿا ملن. هڪ رسالي ۾ ڪي بيت آهن ته ٻئي ۾ ڪي بيت نه آهن.

هن مختصر تمهيد کان پوء سر ڪنڀات جي موضوع تي اظهار خيال ڪريون ٿا. پر سر ڪنڀات مختلف رسالن ۾، مختلف بيتن تي مشتمل آهي، تنهنڪري ڪهڙي رسالي مان انتخاب ڪجي، تورو ڏکيو ٿي پيو آهي؛ پر جنهن حالت ۾ شاهه جو هرهڪ سر پنهنجي موضوع جي اعتبار کان مڪمل آهي، تنهنڪري بيتن جو اختلاف يا ڪا ڪمي بيشي ڪا خاص اهميت نٿي رکي. بلڪ اهميت انهيء تصور کي آهي، جو شاهه صاحب جي بيتن جي تسلسل ۾ ملي ٿو. هڪ اڌ بيت جي ڪمي بيشي يا ردو بدل مان سر جي تصور ۾ ڪو خاص فرق نٿو پوي، تنهنڪري هن مضمون لاء اسان شاهواڻي جي مرتب ڪيل شاهه جي رسالي کي اڳيان رکيو آهي.

شريعت جي اعتبار کان، اهلِ ظاهر ۽ اهلِ باطن ۾ ڪو اصولي فرق نه آهي، البت فرق تاويل ۽ تعبير جو آهي. مثلاً، اهلِ ظاهر وٽ توحيد جو مفهوم آهي ته، 'الله جل شانه کان سواء ڪنهن غير جي ذات قابلِ پرستش نه آهي.' اهلِ باطن انهيء مفهوم کي هيئن ادا ڪن ٿا ته، 'جنهن حالت ۾ عالمِ وجود ۾ الله کان سواء الله جي غير جو وجود موجود ئي نه آهي، تنهنڪري الله جي غير جي پرستش جو تصور ئي ناقابلِ قبول

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

آهي،¹ يعني الله کي مسجود و معبود مڃڻ ۾ ٻنهي جو اتفاق آهي، پر ان جو تعبير ٻئي گروه جدا جدا ڪن ٿا.

تاويل ۽ تعبير جي اختلاف جو هي حال آهي ته قرآن جي لحاظ کان اهلِ باطن هجن توڙي اهلِ ظاهر، ٻنهي مان ڪنهن جو به ايمان بنا محمد رسول الله صلعم جي محبت جي ڪامل نٿو ٿئي. قرآن حڪيم جي آيت جو هڪ ڀاڱو آهي ته حضور اڪرم عليه الصلواة و سلام کي حڪم ٿئي ٿو ته، ”توهين اسان جي پيروي ڪريو ته خدا توهان سان محبت ڪندو“- آلقرآن. هن آيت جو پهريون ٽڪرو هي آهي ته،”اي ايمان وارؤ، جيڪڏهن اوهين الله سان محبت ڪريو ٿا.“ انهن ٻنهي آيتن کي ترتيبوار ملائڻ سان هي نُڪتو صاف سمجهڻ ۾ تو اچي ته، جيڪي ماڻهو الله سان محبت ڪن ٿا، تن تي فرض آهي ته محمد صلعم جي پيروي ڪن، ۽ اها پيروي ايستائين ناممڪن آهي، جيستائين محمد صلعم سان محبت نه ڪئي ويندي. اهلِ ظاهر هن محبت کي اهميت ته ڏني آهي، مگر اهڙي نه جهڙي اهلِ باطن ڏني آهي. اهلِ باطن وٽ سلوڪ جا ٽي مرتبا آهن: (١) فنا في الشيخ، (٢) فنا في الرسول ۽ (٣) فنا في الله. فنا في الرسول جو اهلِ باطن وٽ هي مطلب آهي ته هو رسول جي محبت ۾ پاڻ کي فنا ڪيو ڇڏين؛ ۽ اسان جي ذهن ۾ جيڪو مقصد آهي، تنهن مان عبارت جي ربط پيدا ڪرڻ لاءِ هن مقام تي ايترو ئي اشارو ڪرڻ ممڪن آهي. هن کان وڌيڪ تشريح ۽ تفصيل لکڻ ۾ اصل موضوع کان هٽي وڃڻ جو انديشو آهي.

اهلِ باطن وٽ اها محبت ئي اصل مقصد آهي، ۽ محبت جا جدا جدا درجا ۽ انهن جا نالا آهن، مثلاً: الفت، محبت، حب، جنون، وحشت، آشفتگي ۽ غم وغيره. شاعريءَ ۾ علي العلوم اهي ئي لفظ ۽ انهن جا مرادف، عشق جي معنيٰ ۾ استعمال ٿيندا آهن.

## عشق ۽ فراق

شاهه صاحب جي سر ڪنڀات جو اصل موضوع عشق آهي، پر عاشق تي عشق ۾ گهڻيون حالتون گذرن ٿيون، جن مان فراق به هڪ آهي؛ يعني سر ڪنڀات ۾ شاهه صاحب جيڪو موضوع اختيار ڪيو آهي، سو عاشق جي فراق جي حالت آهي. تنهنڪري اسان به سر ڪنڀات جو موضوع عشق ۽ فراق ٿي سمجهيو آهي. جنهن حالت ۾ فراق اصل موضوع آهي، جو بنا عشق جي ثابت ٿي نه ٿيندو، تنهنڪري فراق کان اڳي عشق جو اضافو ڪرڻو پوندو؛ ڇاڪاڻ ته بنا عشق جي فراق مهمل ٿيندو. جنهن حالت ۾ صوفين وٽ ڪائنات جي موجود هجڻ جو اصل سبب ئي عشق آهي، تنهنڪري هو ڪائنات جو مقصد ئي عشق ٺهرائين ٿا، ۽ ظاهر آهي ته عشق جو لاڳاپو عالمِ ڪثرت سان آهي، يعني اهو عالم جو اسان جي اکيان آهي، جنهن جو اسان هڪ ڀاڱو آهيون. هي صفات متقابلهٔ الاهيه ۽ اسماء متضادهٔ حضرت باري جو مظهر آهي، انهي ۾ عشق به ملي ٿو.

هن عشق جون تقاضائون ٻه آهن: هڪ عاشق، ٻيو معشوق؛ يعني عشق، عاشق ۽ معشوق ۾ تثليث آهي. ساڳي طرح جيئن نظر، ناظر ۽ منظور؛ حمد، حامد ۽ محمود؛ شڪر، شاڪر ۽ مشڪور وغيره ۾ آهي؛ يعني ڪثرت جي اعتبار کان عاشق ۽ معشوق ٻه جداگانه هستيون آهن، پر عشق جي لحاظ کان اهي ٻه نه آهن، بلڪه رڳو هڪ. انهي عشق جا ٻه لاڳاپا آهن، هڪ عاشق ۽ ٻيو معشوق، يعني عشق جي لحاظ کان وحدت ۽ عاشق و معشوق جي لحاظ کان ڪثرت؛ ڇاڪاڻ ته هن عالمِ ڪثرت ۾ هدايت ۽ ضلالت ٻئي ملن ٿيون. تنهنڪري اهلِ باطن جي نقطهٔ نظر کان ضلالت کان بچڻ ۽ هدايت پائڻ جو طريقو سواء عشق جي ممڪن نه آهن؛ يعني عاشق، عشق جي سبب پنهنجي معشوق کان سواء دنيا جي ڪنهن شيء سان واسطو ٿي نٿو رکي، خصوصاً جنهن کي عشقِ حقيقي آهي ته اهو سراپا هدايت بنجي ٿو وڃي.

## عشق و فراق جي ماهيت

هيستائين اسان جي اها ڪوشش رهي آهي ته عشق جي صحيح مفهوم کي قارئين جي ذهن تائين منتقل ڪجي. مٿي بيان ڪري آيا آهيون ته عشق جا مختلف مرتبا ۽ درجا آهن. انهن درجن مان پهريون مرتبو عشقِ مجازي جو آهي، جو مادي تائين محدود آهي، مثلاً ماءُ پيءُ کي اولاد سان، ۽ اولاد کي ماءُ پيءُ سان محبت ٿئي ٿي. ساڳي طرح ڀاءُ ڀيڻ جي محبت، زال مڙس جي محبت، مال و دولت ۽ دنيا جي ۽ ٻين اسباب جي محبت. اها ئي محبت جڏهن وڌي وڃي ٿي ته عشق آهي. اسان روزانه اخبار ۾ ڏسون ٿا ته فلان ڇوڪري يا فلان ڇوڪري ننڊ آڻيندڙ دوا جو وڏيڪ مقدار کائي خودڪشي ڪئي آهي، جنهن جو سبب عشق هو.

عشق ۾ بجاءِ خود هڪ اهڙي لذت آهي، جو ماڻهو ان لاءِ پنهنجو ساهه به ڏيو ڇڏين. اڪثر ڏٺو ويو آهي ته وڏن وڏن شريف-زادن عشق جي پٺيان پنهنجو مال و دولت ۽ عزت آبرو سڀ ڪجهه برباد ڪري ڇڏي آهي، ۽ پڇاڙي ۾ ناڪام ٿيڻ جي سبب خودڪشي ڪرڻ کان نه ترپيا آهن. پري ڇو وڃجي، اڪين ڏٺو ۽ ڪنن ٻڌو مثال موجود آهي؛ جو ايڊورڊ انين مسز اسمٿ جي پٺيان انگلنڊ جي تخت و تاج کي لت هڻي ڇڏي. اڄ به اهي سچا عاشق ۽ معشوق موجود آهن، ۽ عام ماڻهن وانگر پنهنجي زندگي پيا گذارين، ۽ سندن عشق ۾ هو جيڪا لذت محسوس ڪن ٿا، سا انگلنڊ جي تخت و تاج جي مالڪ هجڻ جي لذت کان گهڻو وڌيڪ ارفع ۽ اعليٰ آهي.

وري عشقِ مجازي جي لاءِ ائين به چيو ويو آهي ته، "المجاز و قنطرة الحقيقت" يعني مجازي عشق حقيقي عشق جي پل آهي. جڏهن مجازي عشق پنهنجي حد جو ليڪو لنگهي وڃي ٿو ته حقيقت جي دائري ۾ دخل ٿيو پوي، ۽ جڏهن عشقِ مجازي، عشقِ حقيقي ۾ تبديل ٿيو پوي ته ان جي احوال،

واردات، ڪيفيات ۽ لذتن ۾ شدت پيدا ٿيو پوي ۽ انهي شدت جو هي نتيجو ٿو نڪري ته عاشق پنهنجي هستي کي وساري ٿو ڇڏي؛ رڳو معشوق جي هستي ياد رهجي ٿي وڃي، ايترو جو عشق حقيقي جي اها ئي ماهيت منصور جي زبان مان 'انالحق' ٿي نڪتي. اهي ڪجهه اشارا آهن، جي اسان حقيقت ۽ مجاز جي طرف ڪيا آهن.

هي ڪائنات ازل ڪان ابد تائين واقع آهي، سا الله جي شئون متباينه ۽ صفاتِ متخالفه جو مجموعو آهي، تنهن ۾ انساني دل و نظر جو گمراه ٿيڻ ممڪن آهن. انهيءَ گمراه ٿيڻ جي امڪان عملاً هزارين مذهب پيدا ڪري ڇڏيا، ۽ انساني عقل طرح طرح جا معبود ناهي ورتا. اهڙي حالت ۾ رڳو عشق ئي اهڙو جذبو آهي، جنهن جي صداقت ڪڏهن به زخمي نه ٿي آهي. ڇاڪاڻ ته عشق هڪ احساس آهي ۽ هڪ تاثر آهي ۽ احساس و تاثر جي صداقت ثبوت جي محتاج نه آهي. ڪنهن جو شعر آهي:

حسن هے اعتبار عشق احساس، ديده و دل مکر نهيں سکتے-

پين لفظن ۾ هن جو مطلب ٿيندو ته احساس هڪ اهڙي شيءِ آهي، جو قلب ۽ حيات کي متاثر ڪري ٿو ۽ عشق جي احساس ۾ غلط ۽ صحيح جو بحث پيدا ئي نٿو سگهي. البت مجاز ۽ حقيقت تي گفتگو ٿي سگهي ٿي. عشق توڙي مجازي هجي يا حقيقي ، صداقت کان خالي نٿو ٿئي. مجازي عشق سريع الزوال آهي. محبوب ۾ جهڙو تغير ٿيندو ويندو، تهڙو عشق جو جذبو انهيءَ حيثيت سان متغير ٿيندو ويندو ، پر عشقِ حقيقي ۾ اها ڳالهه نه آهي، بلڪ ان جي خاصيت هي آهي ته ان ۾ بجاءِ زوال جي ڏينهون ڏينهن ترقي ٿيندي وڃي. جنهن حالت ۾ شئون و صفات الاهيه جي حسن جي ڪٿي به حد نه آهي ، تنهنڪري عشقِ حقيقي جي به ڪا حد نه آهي. جماليات جو حقيقي نقطو هن مقام کان شروع ٿو ٿئي. عالمِ موجودات جي متنوع شئون

و صفات جنهن حالت ۾ عالمِ اطلاق کان فيضان حاصل ڪن ٿا، تنهنڪري مظاهرِ حقيقت کان خالي نہ آهن، بلڪ هر مظهر ڪنهن حقيقت جو تعين آهي، ۽ انهيءَ تعين کان متاثر ٿئي ٿو ۽ ڪمال تائين پهچي ٿو. ڪنهن بزرگ چيو آهي-

العشق اذا تم هوالله اين امت

## عشق ۾ مقام فراق

خواجہ حافظ شيرازي فرمائي ٿو:

بلبلے برگِ گلِ خوشرنگ در منقار داشت
وندران برگ و نوا صد نالہ هائے زار داشت
گفتمش در عين وصل اين نالہ و فرياد چيست
گفت ما را جلوهٔ معشوق در اين کار داشت

”هڪ بلبل تر و تازه گل جو ننڍڙو پن پنهنجي چهنب ۾ کنيو، ۽ باوجود گل يعني پنهنجي محبوب جي ويجهڙائي جي ڦٽڪي ڦٽڪي بيقراري سان ووئي رهي هئي. مون بلبل کي چيو تہ تون عين محبوب جي وصال وقت اها آه و زاري ڇو پيئي ڪرين (هي تہ خوش ٿيڻ جو موقعو هو). بلبل جواب ڏنو تہ، محبوب جي جلوي مون کي اها ئي مشغوليت بخشي آهي.“ هين لفظن ۾ ائين چئي سگهجي ٿو تہ عشق ۾ هڪ اهڙو مقام بہ اچي ٿو جو عاشق وصال جي حالت ۾ پنهنجي اندر اهو سوز و گداز محسوس ڪري ٿو، جيڪو فراق جي خاصيت هوندي آهي. ڇاڪاڻ تہ عشق ۾ ائين ٿيڻ ممڪن آهي، تنهنڪري بلبل جي تمثيل مان خواجہ حافظ عشق جي انهيءَ مقام جو ذڪر ڪيو آهي، پر ظاهر آهي تہ اهو مقام وصل جو حال آهي، مقامِ فراق ان کان جدا ٿئي ٿو. عشقِ حقيقي ۾ فراق جي معنيٰ ٻي ڪجھ آهي. هي نڪتو گهڻي غور ڪرڻ کان پوءِ سمجھ ۾ ايندو. تعين جو اعتبار ئي حقيقت ۾ فراق آهي. هن جي تشريح ۽ تفصيل ائين آهي تہ هرهڪ موجود مقيد، وجودِ مطلق جو مظهر آهي، يعني وجود مطلق جي هڪ تجليٰ مقيده تي موجود جو اطلاق ٿيو

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

آهي. انهيءَ لحاظ کان موجود، وجود جو غير نه آهي، تنهن هوندي به پنهنجي مقيد شخصيت جي سبب وجود مطلق کان ممتاز نظر اچي ٿو ۽ اهو امتياز ئي حقيقت ۾ فراق آهي.

هن نڪتي جي تشريح اجا تشنهء تڪميل آهي. فراق حقيقت ۾ محبوب کان دوري ۽ علحدگي جو نالو آهي. ماهيتِ وجود جي اعتبار کان تمام موجودات پنهنجي شڪل ۽ صورت ۾ مختلف صفات جي ڪري پاڻ ۾ مغايرت رکن ٿا. اها غيريت موجودات ۾ هڪبئي ۾ ملي ٿي، پر ماهيت يا حقيقت ۾ هن غيريت جو ڪو حصو نه آهي؛ مثلاً سِڻ مان ڳئون، ٻڪري، گهوڙو، ڪبوتر، مور وغيره ناهي سگهجن ٿا. اهي سيئي جانور پنهنجي صورت شڪل جي لحاظ کان هڪبئي کان بلڪل مختلف آهن، پر ماهيت جي اعتبار کان رڳو ميڻ آهن. مختلف صورتن جي ڪري ميڻ جي ماهيت ۾ ڪو به فرق نه ٿيو، يعني اها ميڻ ئي آهي، جنهن ڪبوتر يا گهوڙي جي شڪل اختيار ڪئي آهي؛ ۽ اسان جي عقل جي خاصيت آهي ته انهن مان ڪنهن کي به ميڻ ڪين سڏيندا سين، بلڪ گهوڙي، ڳئون ۽ ڪبوتر جي لاڳاپي سان انهن طرف اشارو ڪندا سين. ميڻ جون مختلف صورتون ميڻ جو تعين آهن، يعني ميڻ ئي آهي جو ماڻهو يا شينهن جي شڪل ۾ نظر اچي رهيو آهي. اها ئي ڪيفيت عشق ۾ فراق جي آهي. لاتعين جڏهن تعين جو لاڳاپو قبول ڪري ٿو ته اهو موجود مقيد بنجي ٿو وڃي، ۽ پنهنجي صورت شڪل ۽ ابعاد ثلاثہ جي اعتبار کان وجود مطلق کان جدا نظر اچي ٿو. هن تعين جو لاتعين سان اهو اعتبار ئي فراق آهي. حضرت محي الدين ابن عربي فرمائي ٿو، "الحق حق ولو تنزل والعبد و ان ترقي." حق حق ئي رهندو، چاهي اهو تنزل کي قبول ڪري ۽ بندو بندو ئي رهندو، خواه هو ڪيتري ئي ترقي ڪري؛ يعني اها حقيقت آهي ته حضرتِ حق جڏهن تجليات ۾ ظهور فرمائين ٿا ته هڪ خاص تجليءَ خصوصيات سان جلوه گر ٿين ٿا. هائي

هن تجليٰ تي حق جو اطلاق نٿو ٿئي، بلڪ هن تجليٰ جي ٿي لحاظ کان هن جو نالو رکيو وڃي ٿو؛ يعني جڏهن حضرت حق بندي جي روپ ۾ نزول فرمائين ٿا ته هن تي عبد جو ئي اطلاق ٿيندو، حق ۽ رب جو اطلاق ممنوع ٿيندو ۽ انهيءَ عبوديت جي اطلاق جو نالو فراق آهي.

حضرات صوفيه تي هي اعتراض غلط آهي ته هو خالق و مخلوق کي هڪ سمجهن ٿا ۽ مخلوق کي ئي خالق ٿا چون. هن اعتراض جي ڪا حقيقت ئي نه آهي، جيئن حضرت محي الدين ابن عربي جي نقل ڪيل قول مان ثابت آهي. انهي نڪتي کي مولانا جامي هيئن فرمائين ٿا:

هر مرتبه از وجود حکمے دارد
گر فرقِ مراتب نه کنی زندیقی

اسان جي خيال ۾ عشق ۾ فراق جي حقيقت کي اسان نهايت واضح طرح بيان ڪري ڇڏيو آهي. جڏهن سالڪ عشق حقيقي جي منزل ۾ قدم رکي ٿو ته هن کي پنهنجي مبداء جي طرف رجوع ڪرڻ جو عشق پيدا ٿو ٿئي، پر هن جي اها شخصيت مبداء جي طرف رجوع ڪرڻ ۾ مانع ٿئي ٿي، ۽ انهيءَ مانع هجڻ جو ٻيو نالو فراق آهي. سالڪ جيترا قرب جا مرتبا طيءِ ڪري ٿو ته اهو فراق اوترو ئي وڌندو ويندو آهي. اهو فراق ان وقت وصال ۾ بدلجي ٿو، جڏهن بندي جو اهو تعين باقي نٿو رهي. هن تعين جي موجودگي تائين فراق جو ثابت ٿيڻ حقيقي آهي. اهو آهي عشق ۾ فراق جو مقام. شاهه عبداللطيف ڀٽائي پنهنجي سر ڪنيات ۾ انهيءَ عشق ۽ فراق کي عجيب و غريب انداز سان بيان ڪيو آهي. انهن مان هرهڪ بيان ۽ ان جو انداز نهايت بليغ آهي ۽ صداقت تي مبني آهي. شاهه صاحب جو سر ڪنيات انهيءَ عشق و فراق جو آئينو آهي.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

## تمثيلي شاعريءَ جو فرض ۽ غايت

شاعريءَ ۾ مثال ۽ تمثيل جو به رواج آهي، يعني بعض مضمون ذهن نشين ڪرڻ لاءِ شاعر مثال ۽ تمثيل کان ڪم وٺندو آهي . مثال ۽ تمثيل جو فرق ذهن نشين ڪرڻ گهرجي. فارسي شاعريءَ ۾ ميرزا صائب، عرفي و نظيري ۽ طالب و ڪليم مثاليه شاعري جا بلند پايه ماهر آهن. برصغير پاڪ و هند جي فارسي گو شاعرن ۾ غني ڪاشميري، ناصرعلي، سرهندي ۽ ميرزا عبدالقادر بيدل جا نالا پيش ڪري سگهجن ٿا. اهي سڀيئي شاعر پنهنجي شاعرانه دعوىٰ کي مثال سان ثابت ڪن ٿا. فارسي زبان تي هڪ وقت اهڙو به گذريو آهي، جو پوري فارسي مثاليه شاعريءَ جو گورک ڌنڌو بنجي رهجي ويئي هئي، پر رفته رفته اها گهٽ ٿيندي ويئي ۽ فارسي شاعري وري سادگي ۽ حقيقت نگاريءَ جي طرف موڙي آئي.

اردو ۾ مثاليه شاعري ولي کان ئي شروع ٿي ويئي هئي، ۽ ان جا جسته جسته شعر زماني جي شاعريءَ ۾ ملن ٿا، حتىٰ ڪه مير کان غالب تائين مثاليه شاعري ڪافي ترقي ڪئي، پر اردو شاعريءَ تي اهڙو دور ڪڏهن ڪين آيو ، جهڙو فارسيءَ شاعريءَ جي مثاليه دور سان ملندو هجي. هڪڙو فارسي استاد چوي ٿو:

بر تواضع هائے دشمن تکيه کردن ابلهيست
پاء بوسي سيل از پا افگند ديوار را

شاعر دعوىٰ ٿو ڪري ۽ هڪ اصول ٿو ٻڌائي ته دشمن جي عاجزي ۽ تواضع تي ڀروسو ڪرڻ نه گهرجي، جنهن جو مثال هي آهي ته جيڪڏهن سيلاب ڪنهن ديوار جا پير چمي يعني ديوار جي پاڙ سان ٽڪرائي ته ديوار کي ڪيرائي وجهندو ، ڇاڪاڻ ته پاڻي ديوار جو دشمن هوندو آهي. ميرزا صائب چوي ٿو:

دور دستان را بهمت ياد کردن ابلهيست
ورنه هر نخل بپائے خود ثمر مي افگند

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

شاعر چوي ٿو ته اهل همت ۽ سخي اهو شخص ٿي سگهي ٿو جو انهن محتاجن تي بخشش ڪري، جيڪي هن کان دور آهن. نه ته قاعدو ته هي آهي ته هرهڪ وڻ پنهنجي ڇانوَ ۾ ئي ميوو ڪيرائي ٿو. مير جو هي شعر اردو ۾ مثاليه شاعريءَ جو آهي:

غيرتِ يوسف هے يه وقتِ عزيز
مير اسکو رائيگاں کهوتا هے کيا

آتش چوي ٿو:

سفر هے شرط مسافر نواز بهتيرے
هزارها شجر سايه دار راه ميں هے

غالب جو شعر آهي:

باغ سمجها خفقانی يه ڈراتا هے مجهے
سايهٔ شاخ گل افعي نظر آتا هے مجهے

اهي سڀئي شعر مثاليه شاعريءَ جا نمونا آهن. تمثيليه شاعريءَ مان اهو مطلب آهي ته شاعر ڪنهن طاقت کي ذهن نشين ڪرڻ لاءِ ڪنهن افساني کان ڪم وٺي ٿو. مثنوي مولانا روم تمثيليه شاعريءَ جو هڪ تمام عمدو مثال آهي. اهو ئي حال شاه عبداللطيف ڀٽائيءَ جي اڪثر سرن جو آهي.

مثنوي مولانا روم ۾ هڪ حڪايت آهي ته هڪ بادشاه بازار مان هڪڙي خوبصورت ٻانهي خريد ڪئي، جنهن ۾ گهڻيون صفتون هيون. حسن و جمال کان سواءِ شاهاڻو ادب ۽ آداب، حاضر جوابي ۽ اخلاق ۾ شهرت رکندي هئي. بادشاه جيئن هن کي خريد ڪري پنهنجي محلات ۾ آندو ته هو اهڙي سخت بيمار ٿي پيئي، جو سندس ساه تي اچي بڻيو. بادشاه علاج ڪرائڻ ۾ ڪين گهٽايو پر جيئن جيئن هن جو علاج ٿيندو ويو، تيئن تيئن مرض وڌندو ويو. نيٺ بادشاه الله جي اڳيان سجدا ڪري ان جي لاءِ دعا گهري. خدا جو ڪرڻ ائين ٿيو جو ٻئي ڏينهن هڪ طبيب اچي نڪتو ۽ ٻانهيءَ جو علاج پنهنجي هٿ ۾ ڪيو. پر طبيب هن کي ڏسي حيران رهجي ويو، ڇاڪاڻ ته ٻانهيءَ کي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

ڪو جسماني مرض نہ هو. نيٺ طبيب حڪمت عملي کان ڪم ورتو. هن جي نبض تي هٿ رکي، مختلف شهرن جا نالا وٺڻ لڳو. نيٺ جڏهن هڪ شهر جو نالو ورتائين تہ ٻانهيءَ جي نبض جي حرڪت انتها تي پهچي ويئي.

طبيب بادشاه کي ٻڌايو تہ خراسان جي لوهارن جي پاڙي ۾ فلاڻي نالي سان هڪ نوجوان رهي ٿو، تنهن کي ڪوٺايو وڃي. بادشاه جي حڪم سان آهو ماڻهو آندو ويو. ٿي ڏينهن طبيب لوهار کي ٻانهيءَ وٽ وٺي ويو. جيئن بيمار ٻانهيءَ جي نظر نوجوان لوهار تي پيئي، ٻانهيءَ جي چهري تي رونق اچڻ لڳي. طبيب ترار ڪيڏندي ٿي نوجوان لوهار جي سسي آڏائي ڇڏي. ٿورا ڏينهن هن ٻانهيءَ هن جو غم ڪيو پر آهستي آهستي تندرست ٿيندي ويئي.

مولانا روم جو هي مقصد آهي تہ انسان جو روح، دنيا جي دلچسپين تي عاشق ٿي وڃي ٿو ۽ پنهنجي اصل مقصد کي وساريو ڇڏي، پر عُرفا ۽ عاشقانِ الاهي هن دنيا کي ترڪ ڪري ٿا ڇڏين تہ روح انهن جي طرفان مايوس ٿي پنهنجي مبداء جي طرف رجوع ٿئي ٿو.

مولوي اسمٰعيل ميرٺي پنهنجي ڪليات ۾ هڪ ڪڇوءَ ۽ سهي جي حڪايت نظم ڪئي آهي تہ هڪ ڪڇون ڪنهن خشڪ ميدان ۾ آهستي آهستي وڃي رهيو هو. سهي جڏهن اُن کي ڏٺو تہ ڪِلي چٿرون ڪرڻ لڳو. تنهن تي ڪڇون چيس تہ مان اهڙي کل مسخريءَ جو ڪڏهن قائل نہ آهيان. جيڪڏهن تو کي پنهنجي رفتار تي گهمنڊ آهي تہ اچي آزمائي ڏس. جيڪو امتحان ۾ پورو ايندو سو ٿي ڪامياب ٿيندو. نيٺ ٻنهي حريف هڪ هنڌ مقرر ڪري اڳتي وڌيا تہ ڏسون تہ ڪير ٿو کٽي. سهو ڏاڍي تيزيءَ سان ڊڪيو. ڪجهہ پنڌ لنگهي ڏٺائين تہ ڪڇون تمام گهڻو پٺتي آهستي آهستي پيو اچي، سو ڪاٿي ويهي سمهي رهيو، اهو ارادو ڪري تہ ٿورو آرام ڪري منزل تي

پهچي ويندس. هوڏانهن ڪڇون آهستي آهستي پنهنجي منزل جي طرف ويو وڃنـدو. تان جو نتيجو اهو نڪتو تہ هو منزل تي پهچي ويو. سهي جي جڏهن اک کلي تہ ڏاڍو تکو ڊوڙندو منزل جي طرف ويو. اتي جڏهن پهتو تہ ڪڇون کي انتظار ڪندو ڏسي گهڻو شرمندو ٿيو. شاعر هن حڪايت ۾ استقلال جي ترغيب ڏئي ٿو ۽ ڏيکاري ٿو تہ ڪامياب هميشه اهو شخص ٿئي ٿو، جو پنهنجي ڪم ۾ استقلال سان مشغول ٿو رهي.

مٿي بيان ڪيل پنهي مثالن مان بہ نُڪتا بيان ڪيل ملن ٿا، پر هن بيان جو انداز افسانوي آهي. اميد آهي تہ انهيءَ مختصر بيان مان تمثيلي شاعري ۽ مثاليہ شاعريءَ جو فرق ناظرين جي سمجهہ ۾ اچي ويو هوندو. تمثيلي شاعريءَ جو مقصد هي هوندو آهي تہ ڪيترييون ڳالهيون اهڙيون هونديون آهن، جي منطق ۽ فلسفي مان ماڻهن جي سمجهہ ۾ نہ اينديون آهن، پر افسانوي انداز بيان مان هي مقصد ڏاڍي آساني سان حاصل ٿي ويندو آهي. شاہ عبداللطيف ڀٽائي بہ پنهنجن اڪثر سُرن ۾ خاص ڪري سر ڪنڀات ۾ عشق ۽ فراق جي بيان جي لاءِ تمثيلي شاعريءَ کان گهڻو ڪم ورتو آهي.

## عاشق ۽ عاشق جي فراق جي حالت

حسن جي معنيٰ خوبي جي آهي، يعني ڪو ڪمال جيڪو روحاني هجي يا مادي، حسن آهي. عاشق پنهنجي محبوب کي سرچشمو سمجهي ٿو. قد و قامت، اک ۽ نڪ، زلف و رخسار ۽ هٿ پير جي هر اعتبار کان پنهنجي معشوق کي حسن جو سرچشمو سمجهي ٿو، ۽ انهي طرح عادتن، خصلتن، خيالن ۽ ڪردار جي لحاظ کان عاشق پنهنجي محبوب کي حسن جو مظهر ڪامل سمجهي ٿو. هڪ اهڙو حسين معشوق جو مٿي بيان ڪيل صفتن جو مالڪ هجي، تنهن تي ڪير عاشق نہ ٿيندو؟ اهڙي محبوب جو حقيقي عاشق هن جي فراق ۾ ڦٿڪي ٿو ۽ هن جي قرب و حضور جي لاءِ بيتاب آهي. معشوق تائين فاصلو وڏيک آهي، تنهنڪري

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

هو اُٺ کي اهڙو ذريعو سمجهي ٿو، جنهن جي ڪري هو معشوق تائين پهچي سگهي ٿو. تنهنڪري اُٺ جي خوشامد ڪري ٿو ۽ هن کي منٿون ٿو ڪري ته هو ڪيس رات ئي رات محبوب تائين پهچائي ڇڏي. رات جو وقت آهي ۽ فراق جو جوش آهي، عاشق محبوب جي ياد ۾ بيقرار آهي. چنڊ تي نظر پوي ٿي پر هو چنڊ جي چلڪي چمڪي ۽ نورافشاني کي نفرت جي نظر سان ڏسي ٿو، ڇاڪاڻ ته چنڊ ۾ اهو حسن ڪٿي آهي جو محبوب جي چهري، پرن، اکين، پنبڻين، نڪ، چپ، ڪاڏي ۽ ڳلن ۾ ٿئي ٿو. تصور ۾ معشوق جي جلوه گري چنڊ کي عاشق جي نظرن ۾ ڪيرائي ٿي ڇڏي. مطلب ته آسمان جي چنڊ تارن ۽ ڪتين ۾ عاشق کي اهو حسن نظر نٿو اچي، جيڪو محبوب جي سراپا ۾ نظر ٿو اچي. محبوب جي چهري جا خال عاشق کي آسمان جي تارن کان وڌيڪ دلفريب معلوم ٿا ٿين. هي شاه صاحب جي سر ڪنڀات جي پهرئين داستان جو خلاصو آهي.

هي وسارڻ نه گهرجي ته حسنِ حقيقي جو ظهور انهن مظاهر ۾ ملي ٿو، جنهن جي مجموعي جو نالو ڪائنات آهي. ان ۾ معشوق به شامل آهي. عاشق جي ويجهو هن جو معشوق، جو معشوقِ حقيقي آهي مجازي صورت ۾ جلوه گر آهي. تنهنڪري هو سڀني ڪمالات جو جامع آهي. جي عاشق کي آيارڻ جي لاءِ ضروري آهن. ڇاڪاڻ ته عالمِ مجازي جي ڪنهن شيءِ جو لاڳاپو به حسن حقيقي جو غير نه آهي، بلڪه هر مظهر ۾ حسنِ حقيقي خود ئي جلوه گر آهي. خاص ڪري انساني صورت ۾ هن جو ظهور مڪمل آهي، ڇاڪاڻ ته انسان حقيقت ۾ الله جي صورت تي واقع ٿيو آهي. وجود مطلق، جو هر قسم جي صورت شڪل کان مبرا و منزه آهي، جڏهن انساني صورت شڪل ۾ جلوه گر ٿيندو ته هن ڪائنات جو ڪوبه فرد ڪمالِ حسن ۾ هن جو مقابلو ڪري نه سگهندو، خواه اهي سج چنڊ ئي ڇو نه. هجن. حديث مبارڪ ۾ آيل آهي 'ان الله خلق آدم علیٰ صورة' — يعني

'الله آدم کي پنهنجي شڪل تي پيدا ڪيو.' اهو آهي شاه صاحب جي ٻهرئين داستان جو خلاصو. ان ۾ خاص نڪتو هي آهي ته عالمِ مجاز ۾ ئي حسن پنهنجي ڪمال تي پهتو آهي، ۽ اهو ڪمال عشق جي ئي ذريعي ثابت ٿو ٿئي. انهيءَ ڪري جڏهن وجودِ مطلق پنهنجي صفاتِ متقابل و متضاده جي تقاضي سان حسن ۽ عشق يا معشوق ۽ عاشق جي روپ ۾ جلوه گري فرمائي ته اهي سيئي افعال، عادات ۽ فطرت پنهنجا ڪري ٿو. وري جي عاشق ۽ معشوق سان خصوصيت رکي ٿو، يعني عاشق جي روپ ۾ جلوه گر ٿئي ٿو ته عاشق جون سيئي خصوصيتون اختيار ڪري ٿو. فراق سوز، آه و نالہ، فرياد و بڪا، بيقراري و اضطرار، هر وقت يادِ محبوب ۾ محو رهڻ، هن جي ياد کان هڪ پل به غافل نه رهڻ ۽ فراق جي ايذاء کان هڪ روحاني تسڪين حاصل ڪرڻ ۽ محبوب جي قرب و حضور جي ڪوشش ڪرڻ ۽ ان جي ديدار سان مسرت ۽ ازخود رفتگي کان لذت ياب ٿيڻ، اهي ئي عاشق جي حالت ۽ هن جي حالت جي تقاضا آهي. جڏهن اهو حسنِ حقيقي، معشوق جي پيڪر ۾ يعني هڪ خاص تجليٰ ۾ متجلي ٿو ٿئي ته ڪمالِ حسن سان گڏو گڏ ناز و انداز، جور و جفا، ظلم و ستم، عاشق کي ڦٿڪائڻ جو شوق ۽ ان ۾ پنهنجي ذوق نما لطف حاصل ڪرڻ، بي نيازي، تغافل ۽ پنهنجي نمائش ۽ بي پردگي جيڪا حسن جي تقاضا آهي، اهي سيئي خصوصيتون هڪ مخصوص تعين ۾ اختيار ڪري ٿو. وري اهو ئي عاشق ۽ معشوق جو فرق، دوئي ۽ فراق جي حقيقت آهي.

شاه صاحب جي ٽئي داستان جو خلاصو ڪجهه نصيحتون ۽ ڪجهه تجربا آهن. هن ۾ شاه صاحب ترغيب ڏني آهي ته انسان، سالڪ يا عاشق کي اهو ئي ڪردار اختيار ڪرڻ گهرجي، جو هڪ طرف ته عاشق جي شايان شان هجي ۽ ٻئي طرف معشوق جي حسن جي تقاضا کي پورو ڪندو هجي. ٽئي داستان جو خلاصو حقيقت ۾ عشق جي مختلف منزلن جي طرف اشارو آهي.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

## سر ڪنڀات ۾ عشق و فراق جون ڪيفيتون

اسان مٿي بيان ڪري آيا آهيون ته سر ڪنڀات اصل ۾ شاه صاحب جي تمثيلي شاعريءَ جو هڪ نمونو آهي. ڪلياڻ آڏواڻي صاحب ۽ غلام محمد شاهواڻي صاحب، جن شاه جو رسالو پنهنجي نموني ۾ ايڊٽ ڪيو آهي. انهن ٻنهي بزرگن پنهنجي پنهنجي خيال مطابق سر ڪنڀات جي داستانن جو تاويل ڪيو آهي ۽ اخلاص ۽ محبت سان جيڪي ڪي سمجهيو آهي، تنهن کي ديانت سان لکي ڇڏيو آهي. مون کي انهن بزرگن جي خيالن سان ڪنهن به قسم جو اختلاف نه آهي، پر اسان جنهن حالت ۾ تمثيليه شاعريءَ جي بنياد تي، سر ڪنڀات جي تاويل ڪرڻ گهرون ٿا، تنهنڪري ممڪن آهي ته اسان جو خيال انهن بزرگن کان جدا هجي.

Jeay Sindh

سر ڪنڀات جي پهرئين داستان جي پهرين وائيءَ جي ڪجهه اسرار تي غور ڪريون ٿا. هن وائيءَ جي شروعات هن انداز سان ٿئي ٿي، جو عاشق پنهنجي ماءُ کي خطاب ڪري پنهنجو ڏک درد بيان ڪري ٿي. پوءِ اوچتو پنهنجي محبوب کي تصور ۾ حاضر ڪري هن سان مخاطب ٿئي ٿي. وائيءَ جو هي انداز شاه صاحب جي پهرئين داستان تي، ڪافي روشني وجهي ٿو ۽ عاشق تي عشق و فراق جو جيڪو اثر پوي ٿو، سو عاشق جي زبان سان ڏي شاه صاحب بيان ڪري ٿو. شاه صاحب جي اڪثر سرن ۾ هڪ ڳالهه نظر اچي ٿي ته داستان جي بيتن ۾ هو جيڪي ڪي بيان ڪري ٿو، سو داستان جي پڇاڙيءَ ۾ واين جي صورت ۾ ان جون جهلڪيون نظر اچن ٿيون. تمثيليه شاعريءَ جي بنياد تي هو چوي ٿو ته هڪ زال جا عاشق آهي، سا پنهنجي محبوب جي فراق ۾ بيچين آهي ۽ پوري داستان ۾ هن جي عشق و فراق جي منظرڪشي ڪري ٿو، ۽ جذبات جو بيان اهڙي انداز سان ڪري ٿو جو ناظرين کي خود پنهنجي سرگذشت معلوم ٿيڻ لڳي ٿي، جنهن ڪان پڙهڻ وارو بيحد متاثر ٿئي ٿو. داستان جي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

پڇاڙيءَ ۾ شاهه صاحب وائيءَ ۾ هن هجرزده هستيءَ جي تصوير اهڙي طرح چٽي ٿو، جو هي فراق زده هجر جي ايذائن کان مجبور ٿي، پنهنجي ماءُ سان شڪايت ڪري ٿي ته، ’اي امڙ! منهنجي هي جندڙي هڪ پل به تندرست نه رهندي، بلڪ انهي پهر غمگين رهندي.‘ هن شڪايت مان ثابت ٿو ٿئي ته هن فراق زده جي صبر و تحمل جو پيمانو لبريز ٿي چڪو آهي، تڏهن ته هن اضطراري حالت ۾ ماءُ کي مخاطب ڪري، پنهنجي دل جي حالت بيان ڪئي آهي. پر جنهن وقت پنهنجين ساهيڙين ۽ ماءُ سان هجر و فراق جو بيان ڪري ٿي ته اوچتو هن جو خيال محبوب جي طرف وڃي ٿو، جنهن کي هن طرح ادا ڪري ٿي:

> من ۾ مشتاقن جي، ساجن تنهنجو سور
> پيرين آءٌ نه پڄنڍي، ڏيهه پريان جو ڏور
> وڃي ويل سڪنهين، هينئڙو پرين حضور.

هن اندازِ بيان ۾ هي بلاغت آهي ته اها هجر زده هستي اوچتو ناگهاني طور تي محبوب سان مخاطب ٿئي ٿي ۽ ائين نٿي چوي ته: ’اي ساجن! منهنجي دل ۾ تنهنجي محبت جو سور آهي؛‘ بلڪ ائين ٿي چوي ته، ’اي ساجن! تنهنجي سيني مشتاقن جي دل ۾ تنهنجي محبت جو سور آهي.‘ جنهن حالت ۾ هو خود به پنهنجي ساجن جي مشتاق آهي، تنهنڪري ساجن جي سيني مشتاقن ۾ شامل آهي. ظاهر آهي ته هن انداز بيان مان هي ثابت ٿو ٿئي ته هو عشق ۽ فراق جي ايذائن کي وڌيڪ کان وڌيڪ موثر ڪري پنهنجي ساجن اڳيان پيش ڪرڻ گهري ٿي، تنهنڪري هن پاڻ کي پهريائين عام مشتاقن ۾ شامل ڪيو ۽ هن کان پوءِ پاڻ کي هي چٽي نمايان ڪرڻ گهري ٿي ته مان پيادو هلي تنهنجي ديس تائين ڪيئن پڄي سگهان ٿي، ڇاڪاڻ ته تنهنجو ڏيهه پري آهي.

Jeay Sindh

شاهه پنهنجي تعين جو لاڳاپو لاتعين سان اهڙي طرح بيان ڪيو آهي جو متعين هستيءَ کي عاشق ٺهرايو آهي ۽ لاتعين کي محبوب. دنيا جو هر فرد ۽ خصوصيت سان انسانن مان هر شخص هڪ مستقل ذات سان تعبير ڪيو وڃي ٿو ۽ ذات مونث آهي ۽ وجود مطلق مذڪر آهي، جو لاتعين جو ٻيو نالو آهي.

هاڻي تعين ۽ لاتعين جي ماهيت ۽ حقيقت کي ائين سمجهڻ گهرجي، جيئن تعين اصل ۾ وجود مطلق جو هڪ مقيد اعتبار آهي. هن کان سواءِ تعين جي ڪا حقيقت نه آهي، ۽ اعتبار جو شان هي آهي ته جڏهن هن تي تعيني نظر وڌي وڃي ته هر تعين ۽ هر ذات اعتبار جي بدران هڪ مستقل ذات ثابت ٿئي ٿي، چاڪاڻ ته هر تعين يا هر ذات انهيءَ معرفت حاصل ٿيڻ کان پوءِ ته مان پنهنجي حقيقت کان انهيءَ اعتباري تعين جي سبب جدا آهيان ته ان ۾ فراق جو شديد احساس پيدا ٿو ٿئي، جنهن کي اها ذات برداشت ڪري نٿي سگهي. ٻين لفظن ۾ ائين چئجي ته تعين ئي حقيقت ۾ فراق آهي. نامناسب نه ٿيندو جيڪڏهن هتي اشارو ڪيو وڃي ته عالم جي تخليق جي ترتيب امر ’ڪُن‘ جي هيٺ واقع ٿي آهي. محققين ۽ صوفين جي ويجهو هي ڳالهه آهي ته احديتِ مجرده ۽ صمديت انساني عقل ۽ ادراڪ کان گهڻو پري آهي. پر امرِ ڪُن جي هيٺ سڀ کان پهرين ڳالهه جا احديت مجرده جي ظاهر ٿئي ٿي، سو حقيقت محمديه يا حضرت حق جي علمي اجمال جو درجو آهي. هن کان پوءِ تفصيل علمي جو مقام آهي. جيڪي شيون اجمالِ علمي ۾ باهم جدا جدا ۽ متمايز نه هيون، سي هڪٻئي کان ممتاز ٿي وڃن ٿيون. ان کان پوءِ علم کان عين جي طرف رجوع ٿيڻ جو مرتبو آهي، ۽ اهو عين ئي عالمِ ظهور ۽ ڪثرت آهي.

انهن سڀني مرتبن جي موجود هوندي، هن سڄي عالم ظهور ۽ عالمِ علمي ۾، خواه اهو تفصيلي هجي يا اجمالي، زماني جو ڪو فرق نٿو ملي. وجودِ مطلق جنهن وقت احد آهي، تنهن وقت

Jeay Sindh
www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

فصوص الحڪم جو اردو ترجمو ۽ خاص ڪري ڪلمة الحق مصنف صوفي عبدالرحمٰن سنڌي لکنوي ۽ نقدِ اقبال مصنف ميڪش اڪبر آبادي. انهن کان سواء بعض بزرگن، عالمن ۽ صوفين جي صحبت کان به استفاده ڪيو آهي. اسان هي سوچيون پيا ته شاه ڀٽائي جي سر کنڀات جي سلسلي ۾ جيڪي ڪي اسان لکيو آهي، سو هڪ حد تائين بلڪل نئين رنگ ڍنگ سان آهي، ۽ اهڙيءَ نموني ۾ اسان جي سنڌي زبان ۾ مروج نه آهي ۽ نه اهڙن قسمن جون خانقاهون رهيون آهن، جن ۾ اهڙو فيض جاري هجي، تنهنڪري به اسان جو تاويل ڪن صاحبن کي بلڪل نئون معلوم ٿيندو. جيتوڻيڪ اردو ۽ فارسيءَ جا ڪتاب تصوف جي موضوع سان پيدا پيا آهن ۽ اهي شيخ جن جو واسطو اردو يا پنجابي زبان سان آهي، اڄ تائين پنهنجن مريدن کي اهڙي ئي تعليم ٿا ڏين، جنهن جو خلاصو اسان پنهنجي بيان ۾ پيش ڪيو آهي.

سنڌ ۾ به بعض اهڙا صوفي بزرگ ملن ٿا جن جي تعليم انهن جي ڪلام ۾ تفصيل سان ملي ٿي ۽ اها سچي تعليم بلڪل اها ئي آهي، جنهن تي اسان هن مقالي ۾ روشني وڌي آهي، مثلاً حضرت سچل سرمست جو ديوانِ آشڪارا، جو سنڌي جي بدران فارسي زبان ۾ آهي. البت بعض غزل ۽ ڪافيون اهڙيون آهن، جي سنڌيءَ يا سرائڪي ۾ آهن، جن ۾ اسرارِ تصوف کي تمثيلاً بيان ڪيو ويو آهي. باقي اسان جيترو سنڌي ادب جو مطالعو ڪيو آهي، اسان جي نظر مان اهڙو ڪو ڪتاب نه گذريو آهي، جو لوائح جامي يا ڪلمة الحق وانگيان وحدت الوجود تي لکيو ويو هجي. مشڪل سان ڏهه پندرهن سال گذريا هوندا، جو قادري طريقي جو هڪ بزرگ ٿي گذريو آهي، جنهن کان استفادو ڪرڻ وارن بزرگن جي بيان مان معلوم ٿو ٿئي ته هو وحدةالوجود جو وڏو امام هو، مگر اسان کي هن جي زيارت جو شرف حاصل نه ٿي سگهيو ۽ نه اسان کي اهو معلوم آهي ته هن پنهنجا خيالات ۽ مشاهدات ڪتاب جي صورت ۾ سپردِ قلم ڪيا آهن يا نه.

Jeay Sindh

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

هڪ اهو به واقعو ڏسڻ ۾ اچي ٿو ته سنڌ ۾ هڪ پڻ گادين ڪي چڏي، تمام خانقاهن جا مالڪ اهڙا ماڻهو رهجي ويا آهن، جي عقيدتاً فلسفہ وحدت الوجود جو ضد آهن. اهڙي حالت ۾ ڪيئن ممڪن ٿي سگهي ٿو جو انهن بزرگن جا فيضان، تعليمات، مشاهدات ۽ مجاهدات جي ذريعن سان اسان تائين پهچي سگهن.

پڇاڙيءَ جو اسان هن معذرت تي پنهنجي بيان کي ختم ڪريون ٿا ته جيتوڻيڪ اسان جيڪي ڪي لکيو آهي، تنهن جا ماخذ تصوف جا مسلم ڪتاب آهن، تنهن هوندي به ٿي سگهي ٿو ته جنهن حالت ۾ اها اسان جي پهرين ڪوشش آهي، تنهنڪري ممڪن آهي ته اسان کان ڪا ڪوتاهي ٿي هجي، ڇاڪاڻ ته اسان به سهو ۽ خطا جا پتلا آهيون ۽ حقيقت هي آهي ته حضرت حق جل مجده خود فرمايو آهي:

”انا فوق کل ذی علم علیم.“

---

كريم بخش ڇنه

# مضمون

سر ڪنڀات بابت مشهور آهي ته هيءُ راڳڻي ڪنڀات ٻندر جي ڪنهن مشهور گويي جي چيل آهي، جا رات جي پهرئين پهر گذرڻ بعد ڳائي ويندي آهي. هن سر جو وجه تسميه هي به ٿي سگهي ٿو ته هن سر ۾ رسول پاڪ لاءِ شاه صاحب جي بي انتها حب ۽ اڪير جو نقش چٽيل آهي ۽ حرمين جي زيارت لاءِ ان زماني ۾ سورت بندر تان اسهڻو پوندو هو، جو ڪنڀات جي نار جي ٽورو هيٺان، ڪنهن زماني ۾ گجرات ڏيهه جو مکيه بندر هو.

## مضمون

مرحوم غلام محمد شهوانيءَ جي خيال موجب هن سر جا بيت، شاه عبداللطيف ڀٽائي رحمة الله عليه جي جوانيءَ جا چيل ٿا ڏسجن، جڏهن ڪين مجازي عشق جي ڇپٽ ذرا ڪجهه زور سان لڳل هئي. انهيءَ ڪري ئي قمر ۽ ڪرهي کي عتاب ۽ خطاب ۽ پيار ڏانئين سنيهن پهچائڻ ۽ خبرن رسائڻ جي تاڪيد ڪيل آهي. پروفيسر ڪلياڻ آڏوانيءَ جو خيال آهي ته مجازي عشق جي چڻنگ چوليءَ ۾ پوڻ سان شاه صاحب جي فڪر ۽ فهم جي دنيا بدلجي ويئي ۽ هو پنهنجي محبوب کي دنيا جي سمورين شين کان سهڻو سمجهڻ لڳو. ڪلياڻ صاحب سر ڪنڀات داستان پهرئين جو سار يا حاصل مطلب هنن لفظن ۾ ڏئي ٿو:

”محبوب پلانيءَ جو پندار آهي ۽ حسن جو خزانو. جهڙو آهي سندس چهرو سندر، تهڙا آهن سندس سخن سنجيدا. اهڙي معشوق جو پري هئڻ عاشق لاءِ نسورو ستم آهي. هو ميي يعني اُٺ کي ور ور منٿون پيو ڪري ته رات جو مون کي پرينءَ وٽ رساءِ. چنڊ گهٽ ئي سندر پر دلبر جا چشم، نڪ ۽ پيشاني

وٽس ڪٽي آهي؟ ساجن جي سونهن اڳيان سج، چنڊ، تارا ۽ ڪتيون لڄ وچان لڪيو وڃن. سهسين سجن ۽ چوراسي چنڊن جو به سندس حسن سان مقابلو نه آهي. معشوق ۾ عطر ۽ مشڪ جي سرهاڻ آهي ۽ هو ماڪيءَ کان به مٺو آهي. سندس منهن ۾ اهڙا ئي سهڻا خال آهن، جهڙا آسمان ۾ ستارا. تارن ڏانهن نهاريندي به شاعر کي جانب جي جُوءِ ياد اچي ٿي ”هن تاري، هن هيٺ، هُت منهنجا سپرين.“ مٿين سار جي سلسلي ۾ سر ڪنڀات داستان پهرئين جا هيٺيان بيت ملاحظه هجن:

پيشانيءَ ۾ پرينءَ جي، پلائي جا پير
اگهن اکنڊين جي، ڏي پاهوهي پير
قمر پاڙي ڪير، شمس سپيرين سين.

سهسين سجن اپري، چوراسي چنڊن
بالله ريءَ پرين، سڀ اونداهي پاڻيان.

ڪٺي نيڻ خمار مان، جان ڪيائون ناز نظر
سورج شاخون جهڪيون، ڪوماڻو قمر
تارا ڪتيون تائب ٿيا، ديکيندي دلبر
جهڪو ٿيو جوهر، جانب جي جمال سين.

رات سهائي پونءِ سٿين، پرت نٿين پنڌ پور
ميا محبوبن جي، هلي وانءُ حضور
جي چٽڪن چت ۾ سي ڪيئن سجڻ ڏور؟
الله لڳ آسور، آڏان ئي ٿي آءُ تون.

هُن تاري هُن هيٺ، هُت منهنجا سپرين
سجڻ ماکيءَ ميٺ، ڪوڙا ٿين نه ڪڏهين.

محبوبن ڏانهن سنيهن موڪلڻ جي سلسلي ۾ سر ڪنڀات داستان ٻئي جا هيٺيان بيت ملاحظه هجن:

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

ڌاسيندي نهار، ڀهرين ڪـج پرينءَ کي
آءٌ جـي ڏيئين سنيها، چئج چـنڊ اپار
ساجن سـپ چمار، اکيون اوهان جي آسري.

چـڱا چـنـڊ چئيج، سنيها کي سڄڻين
مـٿـان اڱـڻ ايـري، پـريـن جـي پئيج
جهيٺو ڳالهائيج، پـيـرين وجهي هـٿـڙا.

پروفيسر ڪلياڻ صاحب، سر ڪنڀات داستان پهرئين جـو جيڪو سار يا حاصل مطلب پڌايو آهي، تنهن مان صاف ظاهر آهي تہ هن صاحب هن سر کي محض مجازي عينڪ سان ڏٺو آهي ۽ تعصب يا غفلت جي ڪري ان جي حقيقي معنىٰ کان چشم پوشي اختيار ڪئي اٿس، جيتوڻيڪ داستان پهرئين جي ٽئين نمبر واري جي ڏهين سٽ:

”آهيان يار سيد جو ڪانہ رهي ڪا خامي“

۾ سيد جي معنىٰ سردار يا پيغمبر صاحب ڏيکاري اٿس. مٿين وائيءَ ۾ شاه صاحب بغير ڪنهن راءِ ۽ ريب، شڪ ۽ شبهي جي حضرت محمد عليه الصلواة والتسليم جي ذات اقدس کي پنهنجي محبت ۽ عقيدت جو سرمايو ظاهر ڪيو آهي.

هن ڳالهہ ۾ جيڪڏهن ڪنهن کي شڪ آهي تہ اُهو ساڳيءَ وائي جي ١٦ سٽ:

”ڪاري سا قيام سيئن، هوت جنهن جو حامي“

سان رفع ٿي وڃي ٿو، جنهن ۾ حضرت رسول پاڪ جي شفاعت کي قيامت جي مصائب ۽ آلام کي رفع دفع ڪرڻ جو وسيلو ڏيکاريو ويو آهي. سر ڪنڀات داستان ٻئي جـو هيٺيون بيت هن ڳالهہ کي وڌيڪ واضح ڪري ٿو:

آءٌ جي ڏيئين سنيها، سي ڏـون چنڊ پلئہ ٻنڌ
چـئـج حـال حبيب کي، نيئي نـوڙائي ڪنڌ
تـو تـيـڏانـهـن پـنـڌ، جيڏانهن عـالـم آسـرو.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

سر ڪنيات ۾ پروفيسر ڪلياڻ ڪي مجازي معشوق ڪان سواءِ ٻيو ڪجهه ڏسڻ ۾ نه آيو آهي، پر هن ساڳئي سر مان مرحوم غلام محمد شهوائي ڪي شاهه صاحب جي دل ۾ رسول الله صلعم جي ذات اقدس لاءِ بيحد محبت، عقيدت، طلب ۽ تونس جا مچ ڏسڻ ۾ اچن ٿا. جيئن پاڻ پنهنجي تشريح صفحه ١٥٦ ۾ چيو اٿس:

”هن سر ۾ شاهه جيڪا ڪيس پيغمبر پاڪ صلعم لاءِ محبت ۽ روضي رسول الله جي زيارت ڪرڻ جي تمنا دامنگير هئي، تنهن جو چٽو بيان ڪيو آهي. شاهه ڪي فخرِ موجودات حضرت محمد صلعم جي ذات بابرڪات سان نهايت گهڻي الفت هئي، تنهنڪري هن سر ۾ سونهاري سڄڻ جي شخصي سونهن ۽ اخلاقي حسن جي ساراهه ڪندي، هن حقيقت کي واضح ڪيو آهي ته خدا تعالیٰ مديني جي مير لاءِ مَلڪ ۽ ماڻهو خلقيي، ڪيس انهن جو مهندار مقرر ڪري مُڪو آهي. چنڊ جي سوڀيا سپرينءَ جي سونهن اڳيان تيچ آهي، ڇاڪاڻ جو منجهس ”ناهه پيشاني پرينءَ جي.“

جيڪي ماڻهو دنيا جي صوفيانه لٽريچر ڪان واقف آهن، تن کي هر صوفيانه تصنيف يا تنظيم ۾ ”المجاز قنطرة الحقيقي“ جي مصداق مجاز مان حقيقت ڏانهن ارتقا جو سلسلو صاف صاف نظر ايندو. جيئن ظاهر واري باهه پنهنجا شعلا ٽاريندي، آسمان جي وسعتن تائين پنهنجي گرميءَ جا غير مرئي ۽ غير محسوس تاثير موڪلي ٿي، اهڙيءَ طرح انسان جي مجازي محبت جو اظهار تمام جلد حقيقي طلب ۽ تونس ۾ تبديل ٿي وڃي ٿو، ڇو ته اصل محبوب ته اهو ئي آهي، نه محبت جو ابتدائي محرڪ. جيڪڏهن هڪ خاڪ جو پتلو يعني انسان آهي ته ان جي انتها وري ذات خداوندي تائين آهي. جيڪڏهن ڪنهن جي محبت ان منزل تائين رسي نه سگهي آهي ته اها محبت نه پر بوالهوسي آهي؛ ڪم از ڪم صوفي ان کي ائين تسليم ڪن ٿا. چنانچ

سر ڪنڀات داستان ٻئي جي آخري وائي تي نظر ڪبي ته ان مان شاه جي صوفيانه شاعري جو بنيادي نُڪتو يعني خداوند عالم، جو حقيقت ۾ انسان جو محبوب ازلي آهي، تنهن ذات باري تعاليٰ لاءِ سڪ ۽ سوز اظهر ۽ عيان آهي. اها وائي عرض رکجي ٿي:

توڙي تڙيين تون ياالله! تو در توءِ نه ڇڏيان
مون کي سو مشاهدو، جي مُنهُ نه ڏيين مون
ياالله تو در توءِ نه ڇڏيان!
مون پٺا در گهڻا نهاريا، آهين تونهين تون
ياالله تو در توءِ نه ڇڏيان!

سر ڪنڀات داستان ٻئي جو سار پروفيسر ڪلياڻ آڏواڻي هن طرح ڏئي ٿو:

”شاه صاحب هتي انسان جي من کي اُٺ سان مشابهت ڏئي ٿو. انسان جو من برين خصلتن سان ڀريل آهي. ان جو لاڙو بديءَ ڏانهن آهي، جيئن اُٺ جو لاڏي ڏانهن. اُٺ جي اڳيان اگر چندن، ڪنٺهار ۽ ايلاچين جا انبار ڪٺي رکڻ ته به وڃي اڪ تي لهندو. سون جي مهار ۽ جوهر جڙيا ڳانا پائبس ته به بريون عادتون ڪين ڇڏيندو. ساڳيءَ طرح انسان جو من به سولو باز نٿو اچي. سوين ڳرنٽ ڀڏائينس ته به دنيوي لغار نه ڇڏيندو. پر هڪ واري جي قبضي ۾ اچي ويو ته پوءِ روحاني منزلون طيءِ ڪرڻ ۾ ويرم نٿو وجهي ۽ وڃي هڪ اهڙيءَ ولايت جي بستانن جا سير ڪري ٿو، جتي پنجين لکين پَنَ آهي. اهو ساڳيو نفس جو اڳي نڪار ۽ نڌورو هو، سو هاڻ هڪ املهه ماڻڪ ٿيو پوي.“

سر ڪنڀات داستان ٻئي جي مٿي ڏنل حاصل مطلب مان ائين پيو معلوم ٿئي ته هن جو مضمون ۽ مفهوم ٻهرئين داستان کان الڳ ۽ علحده آهي ۽ ڪلياڻ صاحب سر ڪنڀات جي سلسلي کي قائم رکڻ جي ڪابه ڪوشش ڪانه ڪئي آهي. حالانڪ

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

ٻئي داستان نهايت پڪي پختي نموني ۾ هڪٻئي سان جڙيل ۽ جڪڙيل آهن.

داستان پهرئين ۾ محبوب حقيقي جي حسن لازوال ۽ سالڪ جي طلب ۽ تونس جو ذڪر ڪيل آهي ته ٻئي داستان ۾ وري اهو ظاهر ڪيو ويو آهي ته ان سڪ ۽ سوز جي باوجود انسان جي نفس کي ڏڪاءَ ڪونه آهي. جيئن اُٺ منزل مقصود ڏانهن ڪاهيندي، واٽ تي بيٺل لُيڙن ۽ لاڻين کي ڪاڏيندو، چنگهندو ۽ چِڪندو هلندو آهي، تيئن انسان جو نفس به منزل جي تعين ۽ تيقن جي باوجود دنيا جي معاملن ۾ عموماً اهڙو ته غرق ۽ غلطان ٿي ويندو آهي، جو هو اڪثر واٽ وڃائي بيراهه ٿي ويندو آهي. ٻئي طرف انسان جيڪڏهن انهي ساڳئي نفس جي اُٺ کي قابو ۾ رکڻ جي سچيءَ دل سان ڪوشش ڪندو ته اهو تمام جلد مجاز جون منزلون طيءِ ڪندو حقيقت جي منزل تائين پهچي ويندو، جيئن شاهه صاحب سر ڪنيات داستان ٻئي جي آخر ۾ فرمايو آهي:

لک لاکيڻو ڪرهو، ڪوڙين ڏيئي ڇوڙ
اِها سَٽ سيد چئي، جنهين تنهين جوڙ
ترت رسائي توڙ، جڏهن پلاڻيو ته پرين مڙي.

الغرض ته سڄو سر ڪنيات قرآن شريف جي آيت جو تفسير آهي ”قد افلح من تزکیٰ و ذکر اسم ربه فصلیٰ بل توثرون الحياة الدنيا والاخرة خير و ابقیٰ.“

بيشڪ اهو ڪامياب ٿيو، جنهن پاڪيزه زندگي اختيار ڪئي ۽ الله سبحانه و تعاليٰ جو نالو ياد ڪري، ان جي عبادت ڪئي. پر اوهان ته هن ويجهڙي حياتيءَ کي ترجيح ڏيو ٿا، اگرچه آخروي زندگي بهتر ۽ هميشه رهڻ واري آهي.

---

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

شيخ عبدالرزاق 'راز'

# روحاني راز

شاه لطيف جي ڪلام ۾، عام طور استعارا، علامات ۽ اشارا نظر اچن ٿا، جن جي تهه ۾ ڀرپور ۽ شديد روحاني معنويت پوشيده آهي. سر ڪنڀات به شاه جي ڪلام جو هڪ اهم حصو آهي، جنهن ۾ شاه پنهنجي جمالياتي اقدار ڪي، جمالياتي انداز ۽ اسلوب سان رسول اڪرم جي ذات بابرڪات کي خيرالامم جي حيثيت سان پيش ڪيو آهي. هن ڪائنات جي مادي تسلسلِ حيات ۾ هر شيءِ ۾ خوبين سان گڏ، نقص به نظر اچن ٿا؛ ليڪن شاه جو محبوب تمام نقائص کان پاڪ ۽ سڀني خرابين کان پري آهي. اهو محبوب پنهنجي ڪمال محبوبيت جي ڪري فقط خوبين جو حامل آهي. چنڊ، سج، تارا ۽ ڪتيون سندس محبوب جي آڏو ڪا حيثيت نٿا رکن. انهن شين جي رنگيني ۽ دلڪشي، دلربائي ۽ رعنائي ان ڪامل دلربا جي آڏو هيچ ۽ حقير آهي. چنڊ ۽ چانڊوڪي اهي جمالياتي پاچا آهن، جن کي شاه پنهنجي دلبر جي سراپا جمالِ اسوهٔ حسنه ۾ ڏسي ٿو. هي سر نه فقط استعاراتي ۽ علاماتي طور تي، پر تمثيلي ۽ تصويري طرح به جامع آهي. رسولِ اڪرم جي حياتِ طيبه جي جمالي حسنِ صفات کي شاه انهن سڀني علامات سان پيش ڪيو آهي، جي چنڊ ۽ چانڊوڪيءَ جي مجازي ۽ حقيقي جلوه آرائي مان ورتيون وڃن ٿيون.

علم و بصيرت جو اصل سرچشمو، حياتِ طيبه ۾ مقام رسالت آهي. انهيءَ مقام کي سڃاڻڻ لاءِ بيپناهه عشق ۽ انتهائي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

اشتياق جي ضرورت آهي. اهو ئي مقام تمام علوم و اعمال جو مرڪز ۽ محور آهي:

”پيشانيءَ ۾ پرينءَ جي ڀلائي جا ڀير.“

منثين مختصر مصرع ۾ حيات طيبه جون مختلف ۽ گوناگون ڪيفيتون پوشيده آهن. ڀلائيءَ جي لفظ ۾ ارض و نوع جون سڀئي چڱايون، ۽ خير و برڪات سمايل آهن: انهيءَ ڀلائي جي معرفت دنيا جي مڙني برائن ۽ خرابين کان سواءِ، انسانيت جون سڀ بيماريون منتجي وڃن ٿيون. دنيا ۾ فقط هڪڙي ئي روشني آهي. ڪائنات جون مختلف روشنيون، انهيءَ واحد روشنيءَ جون مرهونِ منت آهن. اها روشني هڪ رڏي حقيقت آهي، جنهن لاءِ اعلان ڪيءِ ويو ”توهان جي الله وٽان روشني ۽ هڪ واضح ڪتاب اچي ويو آهي.“

حضور پُرنور جي ذات برڪات خيرِ ڪثير جو مجموعو آهي. ان ذات پاڪ جي پيشانيءَ کي شاه لطيف ڀلاين جو ڀنڊار، ۽ نيڪين جو خزينو ڪري سڏيو آهي. انهيءَ ڀلائيءَ جي ڀندار ۾ هن دنيا جي علم جي حقيقت، ۽ ان جي حدود و مقاصد، مراتب ۽ انواع جي باري ۾ شاه پنهنجي شاعرانه خوبين سان هڪ ڪليل وضاحت پيش ڪئي آهي. مقامِ رسالت جي اپٽار ڪندي شاه هڪ مؤثر جمالياتي ۽ خوبصورت دليلن سان ثابت ڪيو آهي ته اهو ئي هڪڙو نور آهي، جنهن زمين ۽ آسمان جي تمام صورتن ۽ شڪلين کي حسين و جميل، روشن ۽ رونقدار بڻايو آهي:

”مانِ ڏي مديون ٿين، سڄڻ سڄاين ۾.“

عيبن ۽ گناهن، برائن ۽ خرابين جي ڪري انسان جي دل ۾ لوچ پوچ پيدا ٿئي ٿي، ڪيس ڪنهن پـل ب. اطمينان ۽ آرام نصيب نٿو ٿئي، ۽ سندس ضمير احساسِ ندامت کان دٻجي وڃي ٿو. انهيءَ دٻاءَ جي ڪري سندس قلب سقيم ۽ مريض بڻجي

جو رتبو بخشيو. فتح مڪه جي موقعي تي تمام سياه ڪار ۽ بدڪردار ڪنڌ جهڪائي ان رحمت جي بلند مينار جي آڏو بيٺا آهن. هو پنهنجا سياه ڪارناما ياد ڪري پشيمان ٿي رهيا آهن. ماضي سندن سامهون آهي، ۽ پنيان ڏهه هزار خون آشام تلوارون حڪم جون منتظر آهن. بحر رحمت جوش ۾ اچي ٿو ۽ حڪم ٿئي ٿو ”وڃو اوهين سڀ آزاد آهيو.“ دشمنن سان سهڻو سلوڪ رکڻ ۽ مجرمن کي معاف ڪرڻ جي تعليم عملي صورت ۾ ظاهر ٿئي ٿي.

دنيا ۾ انسانيت سوز ڪارنامن جو دور دوره آهي. زمانو برائين ۽ خرابين سان پرپور آهي. زمين تي جابجا ظلمت و جهالت جي تاريڪي ڇانيل آهي، ظلم و ستم، جبر و استبداد جي حڪمراني آهي، شاه صاحب مديون لفظ استعمال ڪري انهن خرابين جي نشاندهي ڪئي آهي، ۽ پوءِ جامع صفات جي وضاحت ”سچن سچاڻن ۾“ پيش ڪري، انّ رحمت ڏانهن اشارو ڪيو آهي، جا رب العالمين جي ايوانِ ربوبيت مان نڪري، تمام جهانن جي مٿان ڇانئجي وڃي ٿي ، جنهن سموري ڪائنات کي همدردي، ترس ۽ غمگساريءَ جو سبق ڏنو. الله جي نور جي آڏو دنيا و ڪائنات جون تمام روشن ۽ تابناڪ چيزون شرمائجي سرنگون ٿي وڃن ٿيون. تڏهن چيو ويو ”قمر پاڙي ڪير ، شمس سپرين سين“. ڪهڙي مجال چنڊ جي، ۽ سج کي ڪهڙي طاقت جو ان نُور جي مقابلي ۾ ڪنڌ ڪڍي سگهن. ان نُور جي شانِ جامعيت ان حد تائين آهي، جو انسان قيامت تائين ٻئي ڪنهن به هستيءَ جو محتاج نه آهي. روشن ۽ منوّر چيزون، جن ڪائنات کي تابناڪ، حسين ۽ روشن بڻايو آهي ، سڀ پڻ حسن ازليءَ جون محتاج آهن. ان حسن لازوال جي جلوي کي ڏسي سج ، چنڊ، تارا ۽ ڪتيون ڪومائجي وڃن ٿا ۽ ان محبوب جو حسن و جمال مڙني جهانن ۾ جاري و ساري آهي. چنڊ کي قاصد بڻائي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

محبوب جي بارگاه ۾ موڪليو وڃي ٿو، ۽ محبوب جي مڙني وصفن ۽ صفتن کان چڱيءَ طرح واقف ڪيو وڃي ٿو. محبوب جي محفل جي ادب و آداب کان چڱيءَ طرح آگاهه ڪيو وڃي ٿو. مبادا ڪانئس ڪا غلطي سرزد ٿئي ۽ محبوب جي نازڪ مزاجيءَ تي بار بڻجي پوي.

---

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

مير محمد پيرو

# روحاني راز

سنڌ جي ڪامل ولي ۽ ڪامل شاعر شاهه عبداللطيف ڀٽائي رحه جي روحاني ڪمال ۽ شاعرانه عظمت جو واضح ثبوت هن ڳالهه مان ئي حاصل ٿي سگهي ٿو ته اڄ ڍائين سون سالن گذرڻ بعد به هن مرد ڪامل جي آڳهه تي ڪوڙين سلام ته پرين ٿا، پر ان سان گڏ سندس ڪامل ڪلام نت نئون پيو معلوم ٿئي. انهيءَ کان سواءِ سندس ڪلام مان مڪان، زمان ۽ حالات مطابق پيدا ٿيل مسئلن جو ضرور ڪونه ڪو حل مڙيوئي ضرور حاصل ٿي ويندو. گويا شاهه صاحب جو وهايل وکر ونجارن لاءِ سچ پچ ته وڏي وڙ پيو معلوم ٿئي ۽ بقول شاهه صاحب ''وکر سو وهاءِ، جو پٽي پراڻو نه ٿئي'' سان سؤ فيصدي ٺهڪي اچي ٿو. گذريل صدين ۾ شاهه صاحب جي ڪلام تي ڪيترن ئي عالمن، اديبن قلم فرمائي ڪري شاهه صاحب جي فلسفي، فڪر ۽ روحاني راز جون پوشيده صفتون پنهنجي علمي استعداد ۽ فڪر وسعت مطابق ظاهر ڪري عوام الناس کي آگاهه ڪيو، مگر اڃا به ڪئين راز ۽ صفتون حل طلب نظر اينديون، جن کي واضح ڪرڻ فرض ٿيو پوي.

جيتري قدر شاهه صاحب جي سر ڪنڀات جي روحاني راز جو تعلق آهي، ته شاهه صاحب هن مختصر سر اندر، جيڪو رڳو ٻن بابن تي مشتمل آهي، پنهنجي عقيدت ۽ عشق جو اهڙو ته ڪليل ۽ جامع نمونو اظهار ڪيو آهي، جنهن تي ڪنهن به بحث جي گنجائش ئي نظر نه ٿي اچي. شاهه صاحب جي گفتار خواهه ڪردار سان هي ڳالهه سڄ جهان روشن پئي معلوم ٿئي ته هو هڪ اهل الله ۽ الله جو نيڪ ٻانهو هو، جنهن کي پنهنجي

Jeay Sindh

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

رب سان ڳنڍ سندس پياري پيغمبر سان به ازحد محبت هئي. نه فقط ايترو، بلڪ هو ته ”تان مَ ڇج محمدﷺ ڪارڻي، ڌرتئون منجهان نينهن“ جو قائل ۽ اقراري پيو ڏسڻ ۾ اچي. گويا الله سان وصل جو واحد وسيلو هو محبوب مدني کي پيو سڏي. اهوئي سبب آهي جو شاه صاحب نبي اڪرم حضرت محمد صلي الله عليه و سلم سان والهانه محبت ۽ عشق جو ذڪر، هن سر ۾ نهايت ڏي وضاحت سان بيان ڪري، هن حقيقت کي کولي بيان ڪيو آهي. تڏهن ته شاه صاحب هن سر ۾ رسول پاڪ کي ڪٿي لالڻ، ڪٿي سڄڻ ۽ سپرين تو سڏي ته ڪٿي محبوب، ساجن ۽ سپرين سان پيو پڪاري. شاه صاحب جي اهڙن نالن ڳنهڻ سان محبوب مدني جي خير ۽ ڀلائي جا اعليٰ اوصاف پيا ظاهر ٿين. انسانذات سان هن ڪان وڏيڪ ٻي ڪهڙي ڀلائي ٿي سگهي ٿي، جو مدني محبوب ان کي ظلمات مان ڪڍي نُور ۾ داخل ڪيو، گويا هن کي صحيح انسان سڏائڻ جو صحيح حقدار بنايو. ٻيءَ صورت ۾ ان وقت جي عربستان جي ماڻهن جي حالت هڪ وحشي ۽ درنده کان ڪنهن به صورت ۾ گهٽ ڏسڻ ۾ نه ٿي اچي. بهرحال اهڙيءَ ڪريل قوم کي انساني معراج تائين رسائڻ ۾ اڄ تائين نه چا بلڪ هن دنيا جي قائم رهڻ تائين هڪ انسان کي صحيح انسان بنائڻ جون منزلون ۽ اقدار ڀڏائي، صحيح انسان هئڻ جا املهه راز ۽ راهون ڀڏائڻ، سچ پچ انسانيت تي احسان عظيم نه آهي ته ٻيو چا آهي. آخر هن کان وڌيڪ انسانذات سان ٻي ڪهڙي ڀلائي ٿي سگهي ٿي؟ رحمت اللعالمين وري اهڙا جو ٻڌن سان به ڀلايون پيا ڪن. تڏهن ته لطيف فرمايو ته:

چڱن سان چڱايون، ايءَ سڀڪو چوءِ
اُئين ڪري نه ڪوءِ، ٻڇن سان ڀلايون.

رحمت اللعالمين جي ”ٻڇن سان ڀلايون“ جا بيان ڪئين اڃا به آهن، جن تي دنيا اڄ مسلم آهي.

Jeay Sindh
www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

وسلم جو ورود مسعود ڏي رحمت ثابت ٿيو. زباني شاه صاحب گويا خاتم النبيين جي به صحيح ثابتي ۽ دليل پيش ڪيو آهي.

جيتوڻيڪ چوڏهين جي چنڊ کي پنهنجي پوري رعنائيءَ تي وڏو ناز پيو نظر اچي، مگر شاه صاحب ان کي پنهنجي پرينءَ جي پلڪ جي برابر به نٿو سمجهي. تڏهن ته چيائين:

چوڏهين چنڊ تون اڀرين، سهسين ڪرين سينگار
پلڪ پريان جي نه پرئين، جي حيلن ڪري هزار
جهڙو تون سڀ ڄمار، تهڙو دم دوست جو.

نه فقط ايترو بلڪ

سهسين سجن آيري، چوراسي چنڊن
باالله ري پرين، سڀ اونداهي پانيان.

سائين خدا جو قسم کڻي ٿو چوي ته جي سندس محبوب ۽ مطلوب موجود نه آهي ته جهان ۾ باوجود سون سجن ۽ چنڊن جي انڌيرو آهي. ظلمات آهي ۽ چانڊاڻ نه آهي؟

گويا پٽ ڏني بادشاه، عرب جي هڪ مشهور شاعر احسان بن ثابت جي جذبات ۽ عشق جي صحيح ترجماني ڪئي آهي، جنهن فرمايو آهي ته:

و احسن منک لم ترقط عيني – و اجمل منک لم تلد النساء
(اوهان کان وڌيڪ سهڻو منهنجي اکين نه ڏٺو – ۽ تو کان وڌيڪ سهڻو ٻار ڪنهن ماءُ نه ڄڻيو)

خلقت مبرا من کل عيب – کانک قد خلقت کما تشاءُ
(تون هر عيب کان قدرت طرفان پاڪ و صاف – ڄڻڪ جئن اوهان چاهيو ٿي تيئن پيدا ٿئين).

شاه صاحب جي ڪلام جي مطالعي مان هڪ طرف هيئن پيو معلوم ٿئي ته هو پنهنجي پرين تائين پهچڻ کان عاجز هئڻ سبب هر وقت ملول ۽ مايوس پيو گذاري، جيئن هڪ جاءِ تي فرمايائين ته:

Jeay Sindh
www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

ڪرها ڪنسر چڙ، وڪ وڏندي ڀاء
منهنجو هلڻ اتهي، جتي جانب جاء
توکي چندن چاريان، ڀيو وڳ لائي ڪاء
ايهم آئ آناء، جڏهن هوندي ء رات هت مڙون.

نتيجي طور طالب جي ڀهڙين املهه هدايتن ڪرهي يا چانگي تي چڱو اثر ڪيو آهي ۽ هينئر ته هر فرد طالب سان گڏ ساڳئي مطلوب جو طالب پيو ڏسڻ ۾ اچي. چاڪاڻ ته هينئر ان ڪرهي کي خود مطلوب جي نينهن جي نانڪ لڳل پئي معلوم ٿئي. جيئن ته شاه صاحب فرمايو ته:

اٺ نه وڃي وڳ سين، چري نه چانگو
لڳس نانڪ نينهن جي، نهوڙيو نانگو
چڙي سير سانگو، رڙهي رند پرين جي.

آخر ۾ شاه صاحب هن راز کي به کولي بيان ڪيو آهي ته محبوب جي ماڻڻ لاء رڳو سڌ يا خواهش جو هئڻ ڪافي نه آهي، يا نينهن رڳو نياپن تي نه ٽيندو آهي، جنهن ۾ فقط قول درڪار هجي؛ مگر ان سان گڏ ذوق عمل جو هئڻ به طالب لاء تمام ضرروري آهي، جنهن جي ذريعي هو محبوب جو مشاهدو ماڻي سگهجي ٿو. ٻيء صورت ۾ ذوق عمل جي محرومي طالب جي حقيقي الفت لاء قاتل زهر جو ڪم ڏئي سگهي ٿي. اهوئي سبب آهي جو شاه صاحب طالب کي تلقين ڪري ڏو ته هو ڪرهي (نفس) کي اڳتي وڪ وڌائڻ جي هير وجهي ۽ هدايت ڪري. باقي رڳو سگهين سڌن ڪرڻ مان محبوب جي مشاهدي جي منزل ڪيئن ماڻي سگهبي؟ شاه صاحب ته واضح لفظن ۾ فرمايو ته:

سڌين سيڻ نه هون، نينهن نياپو نه ٿئي
آ مسوڻ جنين ميهڻو، پڙ تي سيئي پون
نينهن نياپو...

هن مان صاف ثابت ٿيو ته طالب لاءِ ذوق عمل سان گڏ قرباني جي وصف جو هئڻ به اشد ضروري آهي. اهڙيءَ صورت ۾ محبت جي ميدان ۾ پير پائڻ کان پوءِ پروانا پوئتي پير نه کندا آهن، بلڪ مري مات ٿي، ابدي زندگي حاصل ڪرڻ جي ڪوشش ڪندا آهن، ڇاڪاڻ ته پڙ تي پوڻ کان پوءِ هنن لاءِ سونهن مهڻو هوندو آهي.

حاصل مطلب ته شاه صاحب سر ڪنڀات ۾ پنهنجي حقيقي محبوب جي محبت جي ڪماليت جو ذڪر ڪري، محض محبت کي ئي حاصلات جو صحيح حيلو ۽ وسيلو بنايو آهي.

---

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

ميمڻ عبدالمجيد سنڌي

# صرفي ۽ نحوي بناوتون

اعليٰ ۽ ارفع شاعر جي شاعريءَ جي هڪ خوبي اها به هوندي آهي ته، ان جي شعر ۾ لفظن ۽ محاورن، اصطلاحن ۽ پهاڪن جو صحيح استعمال هوندو آهي. هن جو شعر ان ساڄاهه جي ساک پريندو آهي ته شاعر، ٻوليءَ جي باريڪين جو اونهو اڀياس ڪيو آهي؛ ۽ ان جي مزاج ۽ ڪيفيت، صوتياتي نظام ۽ محاورن جي نوعيت کان پوريءَ طرح باخبر آهي. اسان جو عظيم شاعر شاه نه فقط شاعرن جو سرتاج آهي، پر ٻوليءَ جو به شاه آهي. لفظن ۽ محاورن جي سلسلي ۾ سندس شعر سند طور پيش ڪري سگهون ٿا. هن جيتوڻيڪ سنڌ جو چپو چپو گهميو ۽ ڏٺو، پرکيو ۽ پروڙيو هو، ان هوندي به سندس شعر لاڙي محاوري جو لافاني نمونو پيش ڪري ٿو. موجود لاڙي محاوري ۾، ميل جول جي ڪري ڪجهه قدر تبديلي آئي آهي، ۽ ٻوليءَ جي سيني محاورن ۽ لهجن ۾ ڪنهن حد تائين مرڪزيت پيدا ٿي آهي. پر قديم لاڙي محاورو صرفي ۽ نحوي بناوتن جي لحاظ کان قدري مختلف هو. هت اسين شاه صاحب جي رسالي جي سرڪنيات ۾ استعمال ٿيل صرفي ۽ نحوي بناوتن جو جائزو پيش ڪريون ٿا.

## علم صرف:

جديد لسانيات جي لحاظ کان علم صرف يا صرفيات، علم لسان جي اها شاخ آهي، جنهن ۾ اهو ڏٺو ويندو آهي ته، لفظ ٻوليءَ ۾ ڪهڙي نموني ۽ ڇا جي ڪري جدا جدا روپ ۽ صورتون وٺن ٿا، يعني هي علم لفظن جي صورتن ۽ روپن، شڪلين ۽ نمونن سان بحث ڪري ٿو.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

هرڪنهن ٻوليءَ ۾ هڪڙا لفظ اهي هوندا آهن، جن کي ٽوڙي نه سگهبو آهي، جهڙوڪ: ”گهَر.“ هن جا ٻه جزا ٿي سگهن ٿا، ”گهه“ ۽ ”ر“؛ پر ٻنهيءَ معنيٰ کان خالي آهي- يعني اسان لفظ ”گهر“ کي پڃي نٿا سگهون. اهڙن لفظن کي ”سادا“ لفظ به چيو ويندو آهي. ڪي اهڙا لفظ هوندا آهن، جن کي ٻن حصن ۾ پڃي سگهجي ٿو. ان جا به ٻه قسم ٿيندا آهن: هڪڙا اهي جن کي جيڪڏهن پڃبو تہ ان جا ٻئي حصا بامعنيٰ نظر ايندا، ٻيا اهي جن ۾ لفظن کي جيڪڏهن پڃبو ته هڪ حصو سالم هوندو، ته ٻيو سالم نه هوندو. هيٺين لفظن جا ٻه حصا آهن، جن ۾ ٻئي حصا مڪمل لفظ آهن ۽ پويون حصو اضافت جي معنيٰ ڏيکاري ٿو:

منهنجو: منهن+جو.
تنهنجو: تنهن+جو.
پنهنجو: پنهن+جو.

هتي ’منهن‘، ’مون‘؛ ’تنهن‘، ’تون‘ ۽ ’پنهن‘، پاڻ جي بدليل صورت آهي. شاهه صاحب جي رسالي ۾ پنهنجو جي بدران ’پاهجو‘ آيو آهي، جنهن ۾ ’پاهه‘، ’پاڻ‘ جي وڌيڪ ويجهو آهي.

ٻلا ٿي آهين، ٻري ٻلائيءَ **پاهجي**.

هن مان اهو به معلوم ٿيندو، ته شاهه صاحب جي رسالي ۾ غنان آواز گهٽ آهن. اهڙيءَ طرح ’تنهنجو‘ بدران ’تهجو‘ ڪتب آيل آهي:

چنڊ **تهجي** ذات، پاڙيان تا نه پريءَ سين.

هن مان معلوم ٿيندو ته شاهه صاحب ’پرين‘ بدران ’پري‘ آڻي ٿو- يعني ڪن هنڌن تي ’اين‘ بدران ’اي‘ آندل آهي. ٽين مصرع مان اهو به معلوم ٿيندو ته شاهه صاحب ’سان‘ بدران ’سين‘ آڻي ٿو. شاهه صاحب جي رسالي ۾ تڏهن، ڪڏهن وغيره ۾ به غنو آواز ڪونهي. يعني تڏهن جي بدران ”تڏهه“ ۽ ڪڏهن

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

بدران ”ڪڏھ“ آيل آھي. ھيٺين مصرع ۾ ’ڪڏھن‘ بدران ’ڪڏھ‘ آيل آھي:

ڪڏھ ايرين سنھڙو، ڪڏھ ايرين ڪچ.

بالڪل اھڙيءَ طرح ’ڏانھن‘ بدران ’ڏاھ‘ آندل آھي. سر ڪنڀات جي ھڪ بيت جي مصرع ۾ ’ڏاھ‘ ھن طرح آيو آھي:

تو ڏاھ گھڻو نھاريان، تارا تيلاھ.

ھن مصرع ۾ تيلاھين جي بدران ’تيلاھ‘ آيو آھي. يعني لفظ جي آخري ’اين‘ جي بدران ’ ِم‘ آيو آھي. اھا صرفي سٽا ٻين لفظن ۾ بہ ملي ٿي، جھڙوڪ: ’جيڏاھين‘ جي بدران ’جيڏاھ‘؛ ’تيڏاھين‘ جي بدران ’تيڏاھ‘؛ ڪڏھين بدران ’ڪڏھ‘؛ ’اوڏھين‘ بدران ’اوڏھ‘؛ ’اتھين‘ بدران ’اتھ‘ ۽ ’ايھين‘ بدران ’ايھ‘ آندل آھي:

”سڄڻ جيڏاھ، تون تيڏاھ ايرين“

---

جيڏاھ وڳ وڌو، ايو ترسي اوڏھ

---

منھنجو ھلڻ اتھ، جتي جانب جاءِ.

---

ايھ اٿ اُناءِ، جنءَ، ھندي رات ھت مڙون.

---

سنڌي زبان جي صوتياتي نظام ۾ ڪيترا ئي آواز وسرڳ آھن، يعني انھن ۾ ’ھ‘ جو آواز ملي اھڙيءَ طرح شامل ٿي ويو آھي، جو اھي پنھنجي ليکي منفرد ’صوتيا‘ آھن؛ جھڙوڪ: ’ب‘ جو وسرڳ آواز ’ڀ‘، ’ت‘ جو وسرڳ ’ٿ‘، ’ج‘ جو وسرڳ ’جھ‘ آھي. اھڙيءَ طرح ’و‘ جو وسرڳ آواز ’وھ‘ آھي. پر شاھ صاحب جي رسالي ۾ وسرڳ آوازن جو استعمال گھٽ آھي. اھو ئي سبب آھي، جو ’اوھان جي‘ بدران ’اواھنجي‘ آندو ويو آھي:

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

پوئين مصرع، هڪ وائيءَ مان ورتل آهي. ان ۾ ’رائنديس‘ لفظ عورت جي زباني چوايل آهي. ان مان معلوم ٿيندو ته شاهه وٽ عورت ۽ مرد جي فعل وارن صيغن ۾ فرق آهي. يعني زمان مستقبل ۾، زمان مستقبل جي ’س‘ فعلي پڇاڙيءَ اڳيان عورت جي حالت ۾ ’يَ‘ به آندي ويندي آهي؛ جهڙوڪ: ’ليڪ‘ مان ’لکنديس‘. انهيءَ اصول موجب ’رائڻ‘ مان ’رائنديس‘ آندل آهي. پر اتر واري لهجي ۾ اها ڳالهه ڪانه هوندي آهي.

## علم نحو

ٻوليءَ ۾ لفظ هڪ ترتيب سان ملي، با معنيٰ ايڪو ناهين ٿا. انهيءَ ڪي جملو سڏيو وڃي ٿو. جيئن علم صرف يا صرفيات ۾ لفظن جي سٽا ۽ ساخت تي بحث هوندو آهي، اهڙيءَ طرح علم نحو ۾ جملن جي جوڙجڪ جو جائزو ورتو ويندو آهي. پر ڪن حالتن ۾ هڪ لفظ ئي با معنيٰ جملي جو ڪم ڏيندو آهي، جهڙوڪ ’پڙهائيندوسانس.‘ اهوئي سبب آهي، جو جديد علم لسان ۾ نحويات جو دارومدار لفظ تي آهي ۽ نه جملي تي. صرفيات ۾ لفظ جي سٽا ۽ ساخت جو بحث هوندو آهي، ۽ نحويات ۾ اهو جائزو ورتو ويندو آهي، ته لفظ پاڻ ۾ ڪيئن ملن ٿا، ۽ ڪهڙو ڪارج ڏين ٿا.

شاهه لطيف جي نحوي بناوتن جو جائزو وٺون ٿا ته معلوم ٿئي ٿو ته ان ۾ حالتي پڇاڙيون ’آ‘ ۽ ’ءُون‘ گهٽيون ڪم آيل آهن. هينئر اهو رواج گهٽو گهٽجي ويو آهي، مثلاً هن مصرع ۾ ’ماڳاءُ‘ جي معنيٰ آهي: ’ماڳ تان‘ يعني ’آءُ‘ پڇاڙي ’تان‘ جي معنيٰ ۾ آئي آهي:

مِيو تِه ماڳاءُ، ڏيهاڙي ڏارَ چري

هيٺين مصرع ۾ ڪم آيل لفظ ’مهاءُ‘ ۽ ’آ‘، ’سان‘ ۽ ’ءُ‘ اسر جي معنيٰ ڏئي ٿي. يعني ’مهاءُ‘ جي معنيٰ ٿيندي: ’منهن سان لڳاهه.‘

ميڻيون لهي مهاءُ، جي تو چانگا چيڻيون

# فعل جا صيغا ۽ انهن جو استعمال

فعل گرامر جي بنيادي اٺن لفظن مان هڪ آهي، جنهن جي وصف بيان ڪندي، گرامر جي ڄاڻن متفقه طور چيو آهي ته ”فعل اهو لفظ آهي، جيڪو جملي ۾ ڪنهن ڪم يعني هئڻ، ٿيڻ، پوڻ، سهڻ، ۽ ڪرڻ وغيره جي معنيٰ ڏيکاري ۽ منجهانئس ڪنهن به زماني جي خبر پوي.“

شاهه جي رسالي جي سر ڪنڀات ۾ جيڪي فعل جا قسم ليئن ٿا، اهي آهن فعل معاون، فعل لازمي، فعل متعدي معروف ۽ فعل متعدي مجهول. هن سر ۾ جتي مفرد فعل استعمال ٿيل آهن، اتي مرڪب فعل به موجود آهن. جيئن:

١. اپو ترسي: جيڏاهن وڪ ويو، 'اپو ترسي' اوڏهين.
٢. چڪي آئيو: چندن 'چڪي آئيو' ٻي ول نه وجهي وات.
٣. ڪندو هل: ها هر 'ڪندو هل' ته ڪجايون ڪرن ڪي.
٤. چري چل: آهر ۾ ايلاچيون، چندن 'چري چل.'

هن سر جي بيتن ۾ جتي اوپاهڻ، وماسڻ، ڪجائڻ، ساڳاهڻ، مهڻ، وڏوڙڻ، رانئڻ، آنئڻ ۽ ونئڻ وغيره جهڙين پراڻين ۽ نج سنڌي مصدرن مان نڪتل فعل جي صيغن جو استعمال ڪيو ويو آهي، اتي چند غيرسنڌي مصدرن مان نڪتل فعل جي صيغن جو به استعمال ڏڪيل آهي. جهڙوڪ:

ايئين اٿ 'اُثاءِ'، جيئن هوندي رات هٿ مڙان.

---

آهر ۾ ايلاچيون، چندن چري 'چل.'

---

تارا ڪتيون تائب ڏيا، 'ديکيندي' دلبر.

مختلف رسالن ۾ ذيل ٻيتن موجب هن سر ۾ فعل جي مفرد خواه مرڪب صيغن جو تعداد ٢٨٠ آهي، جيڪي ١٥٠ مختلف مصدرن مان نڪتل آهن. جن جو تفصيل هن ريت آهي:
امر حال ٤٢، امر استقبال ١٤، نهي ٣، حال ١٠، حال استمراري ٦، ماضي معطوفي ٤٠، ماضي مطلق ٩٧، ماضي استمراري ٢، ماضي قريب ١، ماضي متشڪي ١، مستقبل ١٤ ۽ مضارع جا ١٥٠ صيغا آهن.

هن سر ۾ ڪم آيل فعل جي صيغن ڪي جاچي ڏسبو ته انهن ۾ ڪئين عجيب ۽ انوکيون ترڪيبون ڏسڻ ۾ اينديون، جيڪي يا ته ڀٽائي عليه الرحمة ۽ سندس همعصر شاعرن جون يا انهن کان اڳ ـِـن شاعرن جون ايجاد ڪيل آهن.

## ١. فعل مضارع واحد غائب جي صيغي جو 'ي' کان سواء استعمال.

جيئن:

ڪياڙي تڙ وري، ايي تڙ 'واجهاء.'

---

'ڪاء' نه ڪٺهار، چندن جا چوپا ڪري.

---

توکي چندن چاريان، پيو وڳ لائي 'ڪاء.'

---

ڪنڌاتورو ڪرهو، لکيو لائي 'ڪاء.'

---

ماء مهنجي ڪرهي، پڌر پڳ نه 'لڳ.'

مٿين مصرعن ۾ استعمال ٿيل فعل واجهاء، ڪاء، ڪاء، ڪاء ۽ لڳ، اصل ۾ واجهائي، ڪائي، ڪائي، ڪائي ۽ لڳي آهن. جن جي 'ي' ڪيرائي پوء ڪم آندا ويا آهن.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

**٢. مضارع غائب ۽ حاضر جي صيغن ۾ همزي 'ء' جي جاءِ تي 'ڻ' جو استعمال.**

جيئن:

جو مون رات 'رساڻي'، نيئي ساجن ساڻ.

---

ترت 'رساڻي' توڙ، پلاڻيو نه پرينءَ مڙي.

---

چندن چاريئين جال، جي مون رات 'رساڻيين.'

---

سندي پيءُ پچار، جي مون رات 'رساڻيين.'

---

مٿين مصرعن ۾ استعمال ٿيل فعل، 'رساڻي ۽ رساڻيين' اصل ۾ 'رسائي ۽ رسائيين' آهن، جن جو همزو ڪيرائي ڻوءِ ڪم آندا ويا آهن.

**٣. 'ماضي مطلق' واحد غائب جي صيغي ۾ 'ي' جي جاءِ تي 'ڻ' جو استعمال.**

جيئن:

سورج شاخون جهڪيون، 'ڪوماڻو' قمر.

---

'ڪوماڻو' ڪپور، واجهائيندين پرين ڪي.

مٿين ٻنهي مصرعن ۾ 'ڪوماڻو' لفظ فعل ماضي مطلق جو صيغو آهي، جيڪو اصل ۾ 'ڪومايو' آهي، ۽ هتي سندس 'ي' ڪيرائي، ان جي جاءِ تي 'ڻ' جو استعمال ڪيو ويو آهي.

**٤. 'ماضي مطلق' جي صيغن جو 'ماضي معطوفي' جي معنيٰ ۾ استعمال.**

جيئن:

پور نه چري پور، 'چڏيو' تور تڪون ڪري.

---

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

### ٦. 'مضارع' جي صيغن جو 'زمان حال' جي معنيٰ ۾ استعمال.

جيئن:

اڱڻ آيو نه 'ڪري' ڀاڱوري ڀچار.

---

سڀاجها سر چڙهيو، ڏوراپو نه 'ڏين.'

---

ڪڏاتورو ڪرهو، لڪيو لاٿي 'ڪاءِ.'

---

'پلاٿيان' ڀي‍ءِ‍و، اولاڻيو نه 'اٿيءِ.'

مٿين مصرعن جو نثر ڪبو ته هيئن ٿيندو:

اڱڻ (تي) اچي، (ڀوءِ) ڀاڱوري (جي) ڀچار 'نه ٿو ڪري'

سڀاجها سر (تي) چڙهي، (ڀوءِ) ڏوراپو 'نه ٿا ڏين.'

ڪڏاتورو ڪرهو لڪي، (ڀوءِ) لاٿي 'ٿو ڪاٿي.'

'پلاٿيان ٿو' (نه) ڀوي (ٿو)، (۽) اولاڻيو (وري) 'اٿيي نه ٿو.'

هينئر نظم ۽ نثر ٻنهي کي سامهون رکي خيال ڪبو ته ڏسڻ ۾ ايندو ته نظم ۾ نمبروار 'ڪري'، 'ڏين'، 'ڪاءِ'، 'اٿيي' ۽ 'پلاٿيان' مضارع واحد غائب، جمع غائب، ۽ واحد متڪلم جا صيغا آهن، جيڪي هتي 'زمان حال' لاءِ 'ٿو ڪري'، 'ٿا ڏين'، 'ٿو ڪاٿي'، 'اٿيي ٿو' ۽ 'پلاٿيان ٿو' جي معنيٰ ۾ استعمال ڪيا ويا آهن.

### ۷. 'مضارع' جي صيغي جو 'حال استمراري' جي معنيٰ ۾ استعمال.

جيئن:

ڀور نه چري ڀور، ڇڏيو نور 'تڪون ڪري.'

هن مصرعه جو نثر هيئن ٿيندو.

ڀور، ڀور (کي) نه (ٿو) چري، (۽ اهو) نور (کي) ڇڏي (ڀوءِ) 'تڪون (پيو) ڪري.'

هاڻي نظم ۽ نثر ٻنهي کي جاچڻ سان اهو معلوم ٿي ويو ته 'تڪون ڪري' 'فعل مضارع واحد غائب' جو صيغو آهي، جيڪو هتي 'تڪون پيو ڪري' جي معنيٰ ۾ 'حال استمراري' لاءِ استعمال ٿيل آهي.

## ٨. 'مطلق' ۽ 'مضارع' جي صيغن جو 'مستقبل' جي معنيٰ ۾ استعمال.

جيئن:

اٿـي اڙائيندس، 'ڇـڏيـو' تـه 'ڇيڪ ٿـيـو!'

---

ڪٽ نه ڪندو ڪاءِ، 'پلاٽيو' ته پرين ۾ 'مڙئي.'

هنن مصرعن جو نثر هن طرح ٿيندو:

اٿي، (آءٌ ڪي) اڙاءِ، (جي) 'ڇڏيندين' (ته) 'ڇيڪ ٿيندو.' (پي) ڪا (ٻه) ڪٽ نه ڪندو، 'پلاٽيندين' (ته) پرين ۾ (ڪي) 'مڙندو.'

مٿين مصرعن ۾ انهن جي نثر تي غور ڪبو ته معلوم ٿيندو ته، 'ڇڏيو'، 'ڇيڪ ٿيو'، ۽ 'پلاٽيو'، 'ماضي مطلق' جا صيغا آهن ۽ 'مڙئي' 'مضارع' جو صيغو آهي، جيڪي سڀ زمان مستقبل لاءِ، 'ڇڏيندين'، 'ڇيڪ ٿيندو' 'پلاٽيندين' ۽ 'مڙندو' جي معنيٰ ۾ استعمال ٿيل آهن.

## ٩. 'مضارع' جي صيغي جو 'امر استقبال' جي معنيٰ ۾ استعمال.

جيئن:

ميـا مـيـچ منٿ، اچ منهنجي ڪرها!
جها ڳينڌي جر پٽيون، متان ڪريين ڪٽ،
سڄڻيان جي سٽ، مون ڪي نيئي 'ميڙيين.'

مٿئين بيت جي آخري مصرع ۾ ڪم آيل فعل 'ميڙيين'، 'فعل مضارع واحد حاضر' جـو صيغو آهي، جيڪو هتي 'ميڙجان' يا

’ميڙج‘ جي معنيٰ ۾ ڪم آيل آهي، جيڪو ’امر استقبال‘ جو صيغو آهي.

## ١٠. فعل معاون جي جاءِ تي بنيادي فعل جي صيغن جو استعمال.

جيئن:

جيڏاهن وڳ ويو، ’اڀو ترسي‘ اوڏهين.

---

ڪنڀاتڙي تڙ وري، ’ايي‘ تڙ ’واجهاءِ‘.

---

نيٺ ڇنايو نت، ’ايو‘ اوڏاهين ’اسري‘.

---

لاڻيو لنؤ لطيف ڇئي، ’ابنو‘ ماڳ ’مري‘.

مٿين مصرعن جو نثر ڪبو ته هن طرح ٿيندو:

جيڏاهن وڳ ويو (هي به) اوڏاهن پيو ترسي.

ڪنڀاتڙي تڙ (تي) وري (آهي) (۽ هاڻي) تڙ (تي) ’پيئي واجهائي.‘

(هو) نت نيٺ ڇنائي، اوڏاهين ’پيو اسري.‘

لطيف (ٿو) چئي (ته) (هو) لنؤ لائي، (پوءِ) (ان) ماڳ (تي) ’پيو مري.‘

هاڻي جيڪڏهن مٿين مصرعن ۽ سندن نثر تي غور ڪبو ته معلوم ٿيندو ته ’اڀو ترسي‘، ’ايي واجهائي‘، ’ايو اسري‘ ۽ ’ابنو مري‘ هتي ’پيو ترسي‘، ’پيئي واجهائي‘، ’پيو اسري‘ ۽ ’پيو مري‘ جي معنيٰ ۾ استعمال ٿيل آهن ۽ انهن ۾ نمبروار ’بنيادي فعل‘ جا صيغا ’اڀو‘، ’ايي‘، ’ايو‘، ۽ ’ابنو‘، ’معاون فعل‘ جي صيغن ’پيو‘، ’پيئي‘، ’پيو‘ ۽ ’پيو‘ لاءِ ڪم آندل آهن.

## ١١. ’جمع اسم‘ جي پڇاڙيءَ ۾ ”ن“ وڌائي، ’واحد فعل‘ کي ’جمع فعل‘ جي بدران ڪم آڻڻ.

جيئن:

سهسين ’سڄڻ‘ ’ايري‘ چوراسي ’چندن.‘

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

واحد مان جمع ٺاهڻ جي اصول موجب ’سج‘ ۽ ’چنڊ‘ جو جمع ’سج‘ ۽ ’چنڊ‘ آهي. پر شاه صاحب جمع کي وڌيڪ ڏکو ڪرڻ لاءِ ان جي پڇاڙيءَ ۾ ’ن‘ وڌائي، سج ۽ چنڊ کي سِجن ۽ چنڊن بنائي، سندن ’جمع فعل‘ ’اُڀرن‘ کي ’واحد فعل‘ ’اڀري‘ ۾ تبديل ڪري ڇڏيو آهي.

هاڻ ظاهر ٿيو ته سجُ ۽ چنڊُ جو جمع، سجَ ۽ چنڊَ استعمال ڪجي ها ته مٿين مصرع هيئن هجي ها:

سهسين سج ’اڀرن‘، چوراسي ’چنڊَ‘.

پر سج ۽ چنڊ جمع جي آخر ۾ ’ن‘ وڌائڻ سان ’اڀرن‘ ’فعل جمع‘ جو ’ن‘، ’ي‘ ۾ تبديل ٿي ويو ۽ مصرع هيئن ٿهي پيئي:

سهسين ’سجن اڀري‘، چوراسي ’چنڊن‘.

هي طريقو هاڻ اسان لاءِ هڪ اصول يا قاعدو بنجي پيو آهي.

## ١٢. ’فعل متعدي معروف‘ جي صيغن جو ’فعل متعدي مجهول‘ جي معنيٰ ۾ استعمال.

جيئن:

وڪ ڪِرِ وسرياءِ، ’ڀڃو‘ جيئن ڳهاٽي وهين.

اٽ نه وڃي وڪ سين، ’ڀڃو‘ نه ڇري ڀور.

مٿين مصرعن تي غور ڪبو ته ’ڀڃو‘ فعل، جيڪو ’فعل متعدي معروف‘ جو صيغو آهي، سو هتي ’فعل متعدي مجهول‘ لاءِ ’ڀڃجي‘ جي معنيٰ ۾ ڪم آيل آهي. اڃا به وڌيڪ غور ڪبو ته معلوم ٿيندو ته ٻنهي مصرعن ۾ فاعل بلڪل گم آهي، ۽ ان جي جاءِ ’نون‘ ۽ ’هو‘ مفعول (جيڪي هيٺ لڪل آهن)، جاءِ ڏيو ويٺا آهن.

## ١٣. تجنيس فاعلي.

ڪنهن شعر ۾ جيڪڏهن ’فعل‘ ۽ ’فاعل‘ جي لفظن جا پهريان اکر پاڻ ۾ همجنس هجن ته ان کي ’تجنيس فاعلي‘ چئبو آهي. هن سر ۾ اهڙا ڪافي مثال آهن، جن مان چند ڏجن ٿا:

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

| | | | |
|---|---|---|---|
| هـ – | ڏانوڻ | ڏانئيس | 'ڏانوڻ' ٽيئن ۾ 'ڏانئيس'، جيئن چري ۽ چنگهي پٽو. |
| و – | ڳڇ‌ڇ | ڳرهيان | ٽـي ورونـهـڻ ويـر، 'ڳڇ‌ڇ' 'ڳرهيان' ڪن سان. |
| ز – | چڳيون | چاڙي | ٽمان 'چـاڙي' 'چڳيون'، مٿي رتو من. |
| ح – | ڪاڏو | ڪوڙيو | وڏڻ ۽ واء، ڪرهي 'ڪاڏو' 'ڪوڙيو'. |
| ط – | ڏوراپو | ڏين | سپاجها سر چڙهيو، 'ڏوراپو' نہ 'ڏين'. |

## ١٥. تجنيس مڪمل.

جيڪڏهن ڪنهن بہ شعر ۾ فعل، فاعل ۽ مفعول جي لفظن جا پهريان اکر پاڻ ۾ همجنس هجن تہ ان کي 'تجنيس مڪمل' چئبو آهي. هن سر ۾ بہ اهڙا مثال لڀن ٿا، جن مان چند هيٺ ڏجن ٿا:

| | فاعل | مفعول | فعل | مصرعون |
|---|---|---|---|---|
| الف – | ڪير | ڪامڻ | ڪندي | تنهن 'ڪامڻ' 'ڪندي' 'ڪير' جو مونهين وٿ مس رهي. |
| ب – | پرين | پاڻ | پسايو | اونـڌاهي اڌ رات جو 'پرين' 'پسايو' 'پاڻ'. |
| ج – | ڪنين | ڪامڻ | ڪياء | 'ڪنين' 'ڪامڻ' 'ڪياء'، هڏو جيئن گهاٽي وهين. |
| د – | چانگي | چٽ | چکي | 'چانگي' 'چکي' 'چٽ' تہ پوء نہ رهندو پنڌ ري. |

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

# لغت

نهايت افسوس سان چوڻو ٿو پوي ته جنهن سنڌي ٻوليءَ کي، شاه عبداللطيف ڀٽائيءَ سينگاري ۽ سنواري قوم جي اڳيان پيش ڪيو، اها زبان اڄڪلهه متروڪ ٿيندي پئي وڃي. ان جو سڀ کان مکيه ۽ وڏو سبب اهو آهي، جو شاه جي رسالي جي ڪا به مستند لغت، اڃان تائين منظرِ عام تي ڪانه آئي آهي. لغت جي نه هئڻ سبب رسالي جي معنيٰ جي پيچيدگين کي پروڙڻ مشڪل ٿيو پوي، تنهنڪري عام پڙهيل ماڻهن جي رسالي سان دلچسپي ڏينهون ڏينهن گهٽ ٿيندي پئي وڃي. ممڪن آهي ته شايد ڪو زمانو اهڙو به اچي، جو شاه جي سنڌيءَ کي سمجهڻ وارو هڪ ماڻهو به باقي نه رهي. آءٌ ۽ اوهين، ڏسون پيا ته موجوده دور ۾، اسان جي سنڌي زبان ۾، ڌارين ٻولين جي لفظن جي استعمال جي ڀرمار ٿيندي پئي وڃي، ۽ سنڌيءَ جا پراڻا لفظ ۽ اصطلاح متروڪ ٿيندا پيا وڃن.

اهو آءٌ قبول ڪو ڪريان ته، سنڌي زبان ۾ جي ٻين ٻولين جا ڪي ضروري لفظ شامل ڪيا وڃن ته ان ۾ پاڻ اسان جي ٻوليءَ جي شاهوڪاريءَ ۾ اضافو ٿيندو، پر اهو ڪنهن به طرح جائز نه آهي ته اهي ڌارين زبان جا لفظ، اصلوڪن ۽ پراڻن سنڌي لفظن جي جاءِ تي استعمال ڪيا وڃن، ۽ پراڻن سنڌي لفظن ۽ اصطلاحن جو استعمال ترڪ ڪيو وڃي، جيئن اڄڪلهه ٿي رهيو آهي. ڌارين ٻولين جا عام خاص لفظ، پراڻن سنڌي لفظن جي بدران استعمال ڪرڻ سان، سنڌيءَ جا اهي پراڻا لفظ ۽ اصطلاح متروڪ ٿيندا پيا وڃن. ۽ جيڪڏهن اها رفتار جاري رهي

Jeay Sindh

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

ڪونه ٿو ٿئي. اهو لفظ آهي ’آمارو‘ شاهه صاحب سر کنڀات ۾ فرمائي ٿو ته:

اَڄ پڻ ’آمارو‘ چوڏهيءَ ماهه چنڊ جو
مون گهر مون پرين جي اچڻ جو وارو
سڄڻ سويارو، پيچ پنيءَ گهر آئيو.

انهي لفظ ’امارو‘ جي متروڪ ٿيڻ جو هڪ خاص سبب اهو به آهي ته انهي لفظ جي معنيٰ صحيح طور تي ڪانه ڪئي وئي آهي. لغت جي سڀني عالمن، جهڙوڪ: شمس العلماء مرزا قليچ بيگ، پيرومل مهرچند آڏوائيءَ، ڊاڪٽر گربخشاڻيءَ، مسٽر شاهواڻيءَ ۽ ڊاڪٽر نبي بخش صاحب بلوچ جن سڀني ’امارو‘ جي معنيٰ، ايرڻ جي سنبت، تياري، چمڪاٽ وغيره ڪئي آهي. مرزا قليچ بيگ ۽ پيرومل انهي لفظ جي پڙهڻي ’امارُو‘ ڪري لکي آهي. ڊاڪٽر ٽرمپ ته اصل متن ۾ ئي ’آپارو‘ لکيو آهي.

جيتوڻيڪ لغت جي طالب علم لاءِ، ڪنهن لفظ جي معنيٰ تي غور ڪرڻ کان اڳ ۾، انهي لفظ جي صحيح پڙهڻيءَ تي به ڪجهه ويچار ڪرڻو آهي، ۽ ڪافي غور و خوض کان پوءِ مطلوبه لفظ جي درست پڙهڻي مقرر ڪري، پوءِ سندس معنيٰ تي بحث ڪرڻو آهي. منهنجي لاءِ هن محفل ۾، انهي لفظ جي پڙهڻيءَ تي بحث ڪرڻ مشڪل آهي، ڇو جو ائين ڪرڻ سان هي مقالو ڊگهو ٿي ويندو، تنهنڪري صحيح پڙهڻيءَ جي بحث کي نظرانداز ڪندي، آءٌ اهو فرض ٿو ڪريان ته اصل پڙهڻي ’آمارو‘ آهي. جيتوڻيڪ لغت جي سڀني عالمن، انهي لفظ جي اما ڻي معنيٰ، يعني آيرڻ جي تياري وغيره ڪئي آهي، ليڪن مون کي سائن ٿورو اختلاف آهي. اختلاف جو سبب هي آهي ته جيڪڏهن بيت جي سباق سباق تي نظر ڪجي ٿي ته معنيٰ ٺهڪي نٿي اچي، ڇاڪاڻ جو هڪ ته، چوڏهين جي رات جو چنڊ، سڄ لهڻ سان ئي ظاهر ٿيو بيٺو هوندو آهي. سڄ لهڻ کان پوءِ پهرين اونداهه ٿئي، پوءِ افق ۾ چنڊ جي نڪرڻ جو شعاع

Jeay Sindh

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

شاهه صاحب واضح لفظن ۾ اهو اعلان ڪيو آهي تہ:

سڄڻ سوڀارو، ٻيڇ ٻنيءَ گهر آئيو.

ظاهر آهي تہ انهي مصرع ۾ شاهه صاحب ماضيءَ جو صيغو استعمال ڪيو آهي. جيڪڏهن شاعر اهو بيت سچ لٿي مهل چوي ها تہ پوءِ آسُر جي وقت لاءِ ماضيءَ جو صيغو استعمال ڪرڻ نہ صرف ناجائز بلڪہ بلڪل غلط ٿي پوي ها، ۽ جيڪڏهن شاهه صاحب کي سڄڻ جي اچڻ جو آسرو هو تہ هو 'آيو' جي بجاءِ 'ايندو' استعمال ڪري ها، ڇاڪاڻ جو اهڙي حالت ۾ مستقبل جو ئي صيغو استعمال ڪرڻ جائز ۽ درست هوندو آهي.

تنهنڪري منهنجي راءِ موجب معقول معنيٰ اها پئي لڳي تہ ”چوڏهينءَ جي رات، شاعر جي گهر ۾ محبوب جي اچڻ جو وارو هو، تنهنڪري شاعر سڄي رات سندس انتظار ڪيو. آخر پوئين رات، جڏهن چوڏهينءَ جو چنڊ لهڻ يا آخري منزل تي وڃڻ جو سعيو يا سنبت يا تياري ڪري رهيو هو، ان وقت محبوب شاعر جي گهر اچي ويو“ ۽ شاعر پنهنجي دوست کي ڏسي خوشيءَ مان اهو بيت چيو. جيڪڏهن بيت جي اها معنيٰ مقرر ڪبي تہ پوءِ 'آمارو' لفظ جي معنيٰ تہ برابر سنبت ۽ سانباهو نڪرندي، ليڪن اها سنبت ۽ تياري اچڻ جي يا اُڀرڻ جي نہ، پر وڃڻ جي يا لهڻ جي هوندي.

جيڪڏهن شاهه صاحب جي رسالي جو تقابلي مطالعو ڪرڻ کان پوءِ، خود شاهه صاحب کان سندس ڏکين لفظن جي معنيٰ پڇبي تہ شاعر خود بہ اها فتو ڏيندو تہ 'آمارو' لفظ جي معنيٰ، اڀرڻ جو يا اچڻ جو سانباهو ۽ سعيو نہ پر لهڻ ۽ وڃڻ جي لاءِ تياري ۽ سنبت آهي. انهي دعويٰ جي دليل ۾ آءٌ شاهه صاحب جا ٻہ ٻيا بيت، شاهديءَ طور پيش ڪريان ٿو، جن جي مطالعي کان پوءِ ثابت ٿي ويندو تہ 'آمارو' جي جيڪا معنيٰ مون پيش ڪئي آهي، سا زياده قرين قياس آهي. سر سامونديءَ ۾ شاهه صاحب فرمائي ٿو تہ:

ڪيڙائن ڪارو، سنجهيئي ساري و
آيل 'آمارو'، آهن پريين پار جو.

هتي تہ معنيٰ بلڪل صاف پئي آهي تہ 'آمارو' معنيٰ وڃڻ جي تياري. وري پئي هنڌ سر حسينيءَ ۾ ڏنائي گهوٽ هڪ بيت ۾ چيو آهي تہ:

اوئين 'آمارو'، مون جهليندي نہ رهيا
سائين سوارو، ڪئو ڪيچ اڪن ۾.

هن بيت ۾ بہ صاف صاف طور تي واضح ٿيل آهي تہ سسئيءَ جي سائين، اڄ سوير ئي وڃڻ جي سنبت ڪئي آهي.

تنهنڪري انهي سڄي بحث مان اهو نتيجو نڪتو تہ 'آمارو' لفظ جي معنيٰ، آيارو يا نڪرڻ يا آيرڻ يا اچڻ جي سنبت ۽ تياري ڪانہ آهي، پر 'آمارو' لفظ جي صحيح مراد، وڃڻ، رواني ٿيڻ يا لهڻ جي سنبت ۽ تياري آهي. انهي بحث مان اهو بہ نتيجو نڪري ٿو تہ ترمپ صاحب 'آمارو' جي جاءِ تي جيڪو آيارو جو لفظ ڪم آندو آهي، سو درست نہ آهي.

—

Jeay Sindh
www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

سهسين سجن ايري، چوراسي چندن
بالله ري پرين، سپ اونداهي پانهيان.

سج ۽ چنڊ جي روشني ڪنهن هڪ روشنيءَ طرف اشارو ڪري ٿي. سج ۾ ڪيتري نه تابش ۽ تپش آهي؟ سج زمين جي زندگي برقرار رکڻ ۽ ان ۾ نشونما پيدا ڪرڻ لاءِ ذميوار آهي. سج انسان لاءِ اناج ۽ غذا پيدا ڪري ٿو، ميوا پچائي ٿو، ٿڌ کان انسان کي بچائي ٿو. چنڊ وري سج جو احسانمند آهي، تابعدار آهي، زيردست آهي. جي انسان سج جو تاب سهي نٿا سگهن، سج کي ڏسڻ شرط اکيون وڃائي ٿا وهن، سي چنڊ جي روشني ڏسي دل ٺارين ٿا. چنڊ جي روشني زمين ۽ پاڻيءَ تي پوي ٿي ته هرهڪ شيءِ حسين بڻجي پوي ٿي. چنڊ عشق جو جذبو پيدا ڪري ٿو. چنڊ جو سايو پوڻ شرط انسان مست ٿيو وڃي. پر انهن سڀني خوبين ۽ اثرن جي باوجود، سج ۽ چنڊ ايرن ٿا ۽ لهن ٿا، ڪڏهن سندن نور ۾ اضافو ٿئي ٿو، ڪڏهن ان ۾ ڪمي ٿئي ٿي. شروع کان وٺي اسان کي اها تعليم ڏني وئي ته جا شيءِ اڀري ۽ غروب ٿئي، سا اسان جو خدا ٿي نٿي سگهي. جنهن شيءِ کي ڪمال ۽ زوال آهي، تنهن جي پرستش ڪرڻ انسان جي شان وٽان ڪين آهي. سڀ ظاهري شيون ان لاءِ آهن ته انسان انهن مان فائدو وٺي ۽ انهن ذريعي پنهنجي ۽ انهن جي خالق کي سڃاڻي؛ ائين نه، ته هو هر چمڪندڙ سج اڏو ڪنڌ نمائي ۽ هر جميل ماهتاب کي پنهنجي دل ڏيئي ويهي. حقيقي محبوب لاءِ ته ائين چيو ويو آهي:

ڪٽي نيڻ خمار مان، جان ڪياڻون ناز نظر
سورج شاخون ڪيون، ڪوماڻو قمر
تارا ڪتيون تائب ٿيا، ديکيندي دلبر
جهڪو ٿيو جوهر، جانهن جي جمال سان.

يا وري چنڊ کي مخاطب ٿي فرمايو اٿن:

چوڏھين چنڊ تون اڳرين، سھسين ڪرين سينگار
پلڪ پريان جي نہ پڄين، جي حيلا ڪرين ھزار
ڏ-ون جھڙو سڀ چمار، تھڙو دم دوست جو.

ظاھري حسن جي سڀ چمار، دوست جي ھڪ دم جي برابر آھي. ھڪ گھڙيءَ جو الھام انسان کي اھڙي تہ دولت عطا ڪري ٿو، جا جيڪر سڄي چمار جي محنت، تحصيل، تجربي، آزمودي، مشاھدي، عبادت ۽ رياضت سان بہ حاصل نہ ٿي سگھي.

ھاڻي سوال ھي آھي تہ قدرت ۾ حسن آھي، نور آھي، نظام آھي، محبت آھي، خوشي آھي، انسان لاءِ سبق آھي ۽ ھدايت آھي. قدرت جي ھرھڪ شيءِ حقيقي ۽ غيبي دوست طرف اشارو ڪري ٿي. اھو دوست انسان جو ڀلو ٿي چاھي ٿو، ھر قدم تي انسان کي آگاھ ڪري ٿو، ھر منزل تي انسان کي پناھ ڏئي ٿو ۽ ھن جي مدد ڪري ٿو. پر؛ ڇو اڄ انسان جي دل جي دنيا اجڙ آھي، ڇو ھڪٻئي سان تعلقات خراب آھن! ڇو تازگي، رعنائي ۽ بھاري انسان جي دل تي اثر نٿي ڪري! ڇو قدرت جو ڏنل سبق اسان جي دماغ تائين نٿو پھچي! سچي سڄڻ لاءِ تہ شاہ صاحب ھيئن چيو آھي:

ھن تاري، ھن جاءِ، ھت منھنجا سپرين
سڄڻ ماڪيءَ ساءِ، ڪوڙا ٿين نہ ڪڏھين

پر ڇو انسان جي دل ۽ انسان جي دنيا اندر افراتفري آھي؟ علامہ اقبال ان نڪتي طرف ھيءُ اشارو ڪيو آھي:

گل و گلزار ترے خلد کی تصویریں ھیں
یہ سبھی سورہ والشمس کی تفسیریں ھیں
سرخ پوشاک ہے پھولوں کی درختوں کی ھری
تیری محفل میں کوئی سبز کوئی لال پری
میں بھی آباد ھوں اس نور کی بستی میں مگر
جل گیا پھر میری تقدیر کا اختر کیوں کر

سج تي غور ڪريو، جڏهن اهو چمڪي ٿو ۽ دنيا تي پنهنجا ڪرڻا پکيڙي ٿو، ان جي گرمائش ۽ روشنيءَ تي هرهڪ ساهواري جي جياپي ۽ واڌ جو دارومدار آهي. تنهن کان پوءِ رات جو چنڊ نظر اچي ٿو، جنهن جي حسن تي حيران ٿي متوالا ٿي وڃون ٿا، اهو چنڊ پنهنجي روشني سج کان اڌاري وٺي ٿو ۽ سج جي زيراثر آهي. غور ڪريو ڏينهن تي، جڏهن هر شيءِ سج جي روشنيءَ سبب ظاهر ۽ نمايان ٿئي ٿي. تنهن کان پوءِ رات ٿي اچي ۽ تاريڪي ڇانئجي وڃي ٿي. چور ۽ گنهگار، رات کان پنهنجو ڪم وٺن ٿا، پر فقير، درويش، شاعر ۽ فيلسوف ايڪانت سان رب ⁕ کي ياد ڪن. جڏهن ظاهري شيون حواس کان دور ٿين ٿيون، تڏهن هو دل جون اکيون کولي، غيبي خزانا ڏسن ٿا.

آسمان تي غور ڪريو ته ڪيئن اهو ٺهي راس ٿيو ۽ ڪهڙي قوت ان کي بلند ڪيو. آسمان ظاهري به آهي ۽ ذهني به، جتي افلاطون جي قول مطابق هر شيءِ جي مڪمل صورت محفوظ رکي وئي آهي. وري زمين تي نظر ڊوڙايو ته ڪهڙي طرح اها وڇايل آهي ۽ ڪهڙي قوت ان کي برن، بحرن، بيابانن، ماٿرين، پهاڙن، ڏنڊن، ڍورن، ندين، نارن، گرم ۽ سرد علائقن ۾ تقسيم ڪيو ۽ مختلف هنڌن تي مختلف قومن کي آباد ڪيو. تعليم ذريعي انهن سڀني ڳالهين جو ڳوڙهو مطالعو ڪريو.

هاڻي پنهنجي نفس تي غور ڪريو ته ڪهڙيءَ ريت ان جي تڪميل ٿيڻ واري آهي ۽ ڪيئن ان اندر ارتقا جو سامان موجود رکيو ويو آهي، ڪيئن ان جي سامهون ٻه رستا رکيا ويا آهن، هڪ بدڪاريءَ وارو رستو ۽ ٻيو پرهيزگاريءَ وارو رستو. نفس اندر نيڪيءَ جو رجحان به رکيو ويو آهي ۽ بديءَ ڏانهن ميلان پڻ. ڪامياب اهو آهي جنهن پنهنجي نفس کي پاڪ ڪيو ۽ نامراد اهو آهي، جنهن نيڪيءَ جي رجحان کي دٻايو، ڪچليو ۽ پنهنجي نفس کي پليت ڪيو. ’ثمود‘ جي قوم به پنهنجي شرارت

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

جنهن اندر انسان جي نفس کي قسمين قسمين تجربا ڪرڻا آهن ۽ آخر ۾ صحيح انتخاب ڪرڻو آهي.

شاهه صاحب به ان ڪرهي جي مزاج کان واقف آهي. ڪڏهن ان جي خوشامد ڪري ٿو، ڪڏهن ڏاوڻ ڏائيس ٿو، ڪڏهن ان کي روڪي ٿو، ڪڏهن پلاڻي پائيس ٿو، ڪڏهن آگاهه ڪريس ٿو، ڪڏهن هدايت ڪريس ٿو، ڪڏهن اُن جي ارڏاين تي ڳوڙها ڳاڙي ٿو. مثلاً:

ڪرهي کي ڪنئين، وڌم پَينڌَ پلڻ جا
ليڙو لاڻيءَ کي چري، نيرُ ساڻ نئين
چانگي سندي چت ۾، صاحب وجهه سنئين
اوباهيوس ائين! لطف ساڻ لطيف چئي.

يا وري هنن لفظن ۾ نفس تي ضابطو رکڻ جي تلقين ڪري ٿو:

اٿي اڙائينس، ڇڏيو ته ڇيڪ ٿيو
ڪارايانس ڪڙيو وڃي، پلاڻي پائينس
ڏاوڻ تنهن ڏائينس، جيئن چري ۽ چنگهي پٽو.

هيٺين لفظن ۾ ڪرهي جي ڪڌن ڪرتوتن تي افسوس ڪري ٿو:

اٺي پڌم وڻ جاءِ، مانَ مکريون چري
ڪڏاتورو ڪرهو، لڪيو لاڻي کاءِ
ان ميي سندي ماءِ، مون ڳالهڙين ڳوڙها ڪيا.

افسوس جو جنهن صورت ۾ قدرت، دنيا اندر اسان کي پاڪ شيون ميسر ڪري ڏنيون آهن ته پوءِ اسان جو نفس غليظ شين پٺيان پنهنجي عاقبت ڇو ٿو خراب ڪري؟

چانگي چئي چڪياس، متان آڪ نه آلهي
جنهن ول ڳهٽا وهاليا، اُن سين آر لڳياس
ڇوڏاري چندن وڻ، پڇي پوچ پياس
راڙي رت ڪياس، هن ڪڏاتوري ڪرهي.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

پر آخرڪار ان ۾ سمجهه اچي ٿي، چڱي مٺي جو فرق سڃاڻي ٿو، صاف غذا تي پلجي نپجي ٿو، حلال جي ڪمائيءَ تي گذران ڪري سگهي ٿو ۽ رچي راس ٿئي ٿو.

جتان ڪوڙ ٻه ڪاتيون، پنجين لکن پاءُ
ميو تنهن ماڳاهُ، ڏيهاڻي ڏار چري.

هاڻي اهو ڪرهو ساراهه جوڳو آهي، اڳئين جي سونهن آهي، قرت توڙ تائين رسائڻ وارو آهي، محبوب سان ملائڻ وارو آهي.

لڪ لاڪيٺو ڪرهو، ڪوڙين ڏيئي ڪاهه
ايلاچيون آهر ۾، پوڄ مٺي ڪي پاءِ
ڪٽ نه ڪندو ڪاءِ، جه پلاڻيو ته پرينءَ مڙي.

شال سڀڪو پنهنجي منزل تي پهچي ۽ مرادون ماڻي! شال سڀڪو قرآني تعليم کي سمجهي ۽ ان مان مستفيض ٿئي! شال اسان لطيفي لاتين ذريعي، پنهنجي اندر کي اجاريون ۽ دنيا کي انسانن جي رهائش گاهه بڻايون!

—

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

# سر ڪنڀات جو متن

’سر ڪنڀات‘ حضرت شاه صاحب جي پنهنجي ڪلام جو هڪ بنيادي ڀاڱو آهي، ۽ سڀني قلمي توڙي ڇاپي رسالن ۾ شامل آهي. البت مختلف رسالن ۾ هن سر هيٺ ڏنل بيتن ۽ واين جي تعداد، ترتيب توڙي پڙهڻين ۾، اختلاف آهي، ۽ پڻ فصلن يا داستانن جي تعداد ۽ ترتيب ۾ فرق آهي. جيڪي رسالا اندازاً ١١٩٠-١٢١٠ھ واري دور جا لکيل آهن، تن ۾ ’سُر ڪنڀات‘ ٻنا داستانن جي ڏنل آهي، پر جيڪي رسالا سنه ١٢٧٠ھ ۽ ان بعد هن پوئين موجوده دور ۾ لکيا يا ڇاپيا ويا تن ۾ هيءُ سر فصلن ۽ داستانن ۾ ورهايل آهي. گهڻو ڪري سڀني سرن ۾ سر ڪنڀات ٽن فصلن يا ٽن داستانن ۾ ورهايل آهي؛ پر هڪ آڳاٽي قلمي رسالي ۾ جيڪو حاجي هدايت الله هالائي سنه ١٢٧٠ھ ۾ لکيو، هي سُر ’ٽن فصلن‘ ۾ ورڇيل آهي، ته وري هن موجوده دؤر ۾ سنه ١٣٨٣ھ (١٩٦٣ع) ۾ پنهل فقير جوڻي جي لکايل رسالي ۾ هي سر ’پنجن داستانن‘ ۾ ورهايل آهي. ڀٽائي صاحب جو ڪلام ڳائجي ٿو، انهي ڪري راڳ جي سهولت خاطر ٿي هر سر کي داستانن ۾ ورهايو ويو آهي. انهي لاءِ ته راڳائي فقير هڪ داستان ڳائي پورو ڪري ذرا ساهي کڻن، ۽ پوءِ وري ٻيو داستان ڳائين. جيئن ته ’فصل‘ ۽ ’داستان‘ بنيادي طور انهيءَ مقصد خاطر مٽيا ويا، انهي ڪري انهن جي ترتيب ۾ مضمون جي يڪسانيت ڏانهن البت ڌورو ڌيان ڏنو ويو. اهو ئي سبب آهي جو اڳين قلمي توڙي ڇاپي رسالن ۾، ساڳئي فصل يا داستان هيٺ مختلف قسم جي مضمونن وارا بيت لکيل ملن ٿا. قبله علامه آءِ.آءِ. قاضي ڀهريون عالم

هو، جنهن ۾ ضرورت ڌانهن توجهہ ڇڪايو تہ سچي رسالي جي ترتيب حضرت شاه صاحب جي فڪر جي ارتقاء مطابق هئڻ گهرجي. فڪر جي سلسلي لاءِ مضمون جو سلسلو پڻ لازمي آهي.

اسان هن سر جي داستانن جي تعداد ۽ ترتيب، هر داستان هيٺ بيتن ۽ وائين جي ترتيب، ۽ هر بيت ۽ وائي جي متن جي سناء ۾ هيٺين اصولن کي مد نظر رکيو آهي:

١. مختلف رسالن ۾ سر ڪنڀات جي مطالعي مان هن نتيجي تي پهچجي ٿو تہ هن سر ۾ شامل بيتن ۽ وائين ۾ هيٺيان مضمون سمايل آهن:

- پياري پرين جي سهڻي سيرت ۽ صورت.
- چنڊ ۽ پرين (چنڊ جو اپرڻ، چنڊ کي پيغام، سڄڻ جي سونهن جي ڀيٽ ۾ چنڊ جي گهٽتائي، سڄڻ سان ملاقات جي سلسلي ۾ چنڊ جي سهائي يا رات اونداهي جي اهميت وغيره).
- سڄڻ جي وصال جي سڪ ۽ آڪنڊ.
- اٺ تي چڙهي رات جو سڄڻ جي ملاقات لاءِ وڃڻ.
- اٺ جي جواني ۽ اُن جو ارڏايون ۽ عادتون.
- اٺ جي پيري ۽ پڇاڙي.

انهن نمايان موضوعن مطابق هت هن سر کي ڇهن داستانن ۾ ورڇيو ويو آهي.

٢. داستانن جي ترتيب، ۽ هر داستان هيٺ بيتن ۽ وائين جي ترتيب ۾ فڪر ۽ مضمون جي سلسلي کي ئي اهميت ڏني وئي آهي.

٣. رسالي جو پهريون ڇاپو اڄ کان هڪ سؤ ڏهہ سال کن اڳ ١٢٨٣هہ (١٨٦٧ع) ۾ بمبئي مان ڇپيو ۽ ان کان پوءِ مسلسل پيا ڇاپا پڻ بمبئي مان ڇپيا، جيڪي سڀ عرف عام ۾ 'بمبئي ڇاپي' جي نالي سان سنڌ جي ڪنڊ ڪڙڇ ۾ پکڙي ويا. عام پڙهيل توڙي سالڪ سڀ انهيءَ 'بمبئي ڇاپي' سان

مانوس ٿيا ۽ پڻ هن صدي جا راڳائي فقير 'بمبئي ڇاپي' جي ترتيب موجب داستان وار راڳ ڳائڻ لڳا. 'بمبئي ڇاپي' جي هڪ سؤ سالن جي مطالعي سببان، هن ڇاپي جي سرن ۽ سرن جي داستانن، ۽ پڻ داستانن جي بيتن ۽ آخري واين جي ترتيب، رسالي جي پڙهندڙن ۽ راڳائي فقيرن کي ايترو ته ذهن نشين ٿي وئي آهي، جو چوندا ته اهو فلاڻي سر جو 'پهريون' داستان آهي، يا اها وائي فلاڻي داستان جي آهي. انهي عام مشهور ۽ ذهن نشين ترتيب جي لحاظ کان اسان پنهنجي ڏنل ترتيب ۾ هيٺيان ٻه اصول پڻ سامهون رکيا آهن: پهريون ته جيڪڏهن فڪر ۽ مضمون جي لحاظ سان ترتيب ۾ ڪو خلل نٿو پوي ته پوءِ بمبئي ڇاپي واري ترتيب کي ترجيح ڏني وئي آهي. ٻيو ته جتي بمبئي ڇاپي واري ترتيب خود بگڙيل آهي ته اتي قديم نسخن واري ترتيب کي مدنظر رکيو ويو آهي.

۴. ڀٽائي صاحب سنڌ جي هر ڀاڱي جي ٻولي استعمال ڪئي آهي، ۽ انهي ڪري هر ڀاڱي جي مخصوص لفظن کي انهيءَ ڀاڱي جي اچار ۽ لهجي مطابق لکيو ويو آهي. باقي ٻين لفظن کي لاڙ جي ۽ خصوصاً ڀٽ شاه واري علائقي جي اُچار ۽ لهجي مطابق رکيو ويو آهي.

۵. بيت يا وائي جي وزن جي تقاضا مطابق، ساڳئي لفظ کي مختلف جاين تي مختلف صورتن ۾ لکيو ويو آهي (مثلاً: جيڏانهه، جيڏاهين؛ ڪٿي، ڪيٿي؛ پنهنجي، پانهنجي)؛ ۽ پڻ وزن خاطر جتي جتي ڪن لفظن جي پڙهڻ کي ڇڪو ڪري اُچارڻو آهي، اتي زير زبر ڏني وئي آهي (مثلاً: آهِيَان، پَتِيِئون، راتِڙِيُون).

۶. اختلافي پڙهڻين جي صورت ۾، آڳاٽن نسخن کي نسبتاً وڌيڪ اهميت ڏني وئي آهي؛ پر جيڪڏهين آڳاٽن نسخن جي پڙهڻي صحيح يا سهڻي ناهي، ته پوءِ اهڙي حالت ۾، ٻوليءَ

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

جي نزاڪ ۽ عام اصطلاح، توڙي فصاحت ۽ بلاغت کي مدنظر رکيو ويو آهي. سڀني اختلافي پڙهڻين کي پويان 'ضميمه-٢' هيٺ محفوظ ڪيو ويو آهي؛ البت وقت جي ڪمي سببان 'متن ۾ اختيار ڪيل پڙهڻي' جي موزونيت بابت سمجهاڻي کي في الحال ڇڏيو ويو آهي.

٧. سڀني قلمي توڙي ڇاپي رسالن مان هرهڪ ۾ شاه صاحب جي ڪلام سان گڏ ٻين مشهور توڙي گمنام شاعرن جو ڪلام پڻ درج ٿيل آهي. شاه صاحب جي ڪلام کان سواءِ ٻيو ڪلام پڻ هڪ قيمتي ذخيرو آهي، جنهن کي آئينده تحقيق توڙي ادبي سرمايي خاطر سانڍڻ ضروري آهي. اهڙو سڀ ڪلام اسان پويان 'ضميمي-١' هيٺ رکيو آهي. مختلف رسالن کي ڀيٽڻ ۽ صحيح متن تلاش ڪرڻ جي باوجود، ڪي اهڙا بيت ۽ وايون جيڪي ٻولي، وزن، قافيي ۽ معنيٰ جي لحاظ کان مُبهم يا غيرمعياري نظر آيون آهن، تن کي 'ضميمه-١' هيٺ منڍ ۾ 'مبهم ۽ غيرفصيح ڪلام' جي عنوان سان رکيو ويو آهي. ان کان پوءِ ٻين شاعرن جا بيت ۽ وايون، سندن نالي سان ڏنا ويا آهن.

علمي تحقيق جي تقاضا آهي ته مختلف مأخذن کي ڀيٽي، رسالي جي صحيح متن قائم ڪرڻ خاطر اهڙي ڀيٽ، ٿوري کي گهڻي، آڳاٽي وقت کان وٺي پئي ڪئي وئي آهي. گذريل صدي کان وٺي، رسالي جي ڪن ڪاتبن هڪ کان وڌيڪ نسخن کي آڏو رکي، پنهنجي سمجهه موجب بيتن ۽ واين کي 'وڌيڪ صحيح' ڪري لکيو. ١٨٦٦ع ۾ ڊاڪٽر ٽرمپ ٻن سنڌي پڙهيلن کان مختلف پڙهڻين جي ڀيٽ ڪرائي؛ پهرئين بمبئي ڇاپي (١٢٨٣ھ) جي حاشين تي اختلافي پڙهڻيون ڏنل آهن، ۽ ٻئي ڇاپي (١٢٩٢ھ) ۾ اصل نسخن کي ڀيٽي، وڌيڪ صحيح متن قائم ڪرڻ جو اطلاع شايع ڪيل آهي؛ ۽ سرڪاري ڇاپي (١٩٠٠ع) توڙي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

مرزا قليچ بيگ واري ڇاپي (١٩١٣ع) ۾ متن جي صحت واسطي اڳين رسالن جي پيٽ ڪئي وئي آهي. مگر سڀ کان گهڻن رسالن جي پيٽ ڊاڪٽر هوتچند مولچند گربخشاڻي پنهنجي رسالي جي ايڊيشن تيار ڪرڻ وقت ڪئي: پهرئين جلد واسطي پٽ ۽ بلڙي وارا ۾ قلمي رسالا ۽ ٽرمپ ۽ بمبئي وارا ۾ ڇاپا پيٽيائين؛ ٻئي جلد ۾ انهن ڇهن کان سواءِ مير عبدالحسين خان سانگي وارو قلمي نسخو پيٽيائين؛ ۽ ٽئين جلد ۾ پوين پنجن کان سواءِ ’برٽش ميوزيم‘ وارو قلمي نسخو پيٽيائين. اهڙيءَ طرح ٽئين جلد واسطي گهٽي کان گهٽا يعني جملي ڇهه رسالا (چار قلمي ۽ ٻه ڇاپي) پيٽيائين. مختلف ماخذ پيٽي صحيح متن قائم ڪرڻ لاءِ اها پهرين وڏي ڪوشش هئي ۽ ان وقت جي لحاظ سان هڪ بهترين ڪوشش هئي. هڪ معياري ۽ جامع تحقيق جي البت اها تقاضا آهي ته گهربل مواد جا مڙيئي مأخذ ۽ سرچشما ڳولي هٿ ڪيا وڃن، يا ڪم از ڪم جملي معلوم ماخذ استعمال ڪيا وڃن. انهيءَ معيار مطابق، هن سر جي متن کي صحيح صورت ۾ پيش ڪرڻ خاطر اسان جملي چوڏهن رسالن (ڇهن قلمي نسخن ۽ اٺن ڇاپن) کي استعمال ڪيو آهي، جن جا ڏالا هيٺ ڏجن ٿا * هرهڪ جي آڏو ڏنل ’حرف‘ ان رسالي جي سڃاڻپ جو نشان آهي، جنهن سان ’ضميمه-٢‘ هيٺ ان جي اختلافي پڙهڻين کي نروار ڪيو ويو آهي.

گ. درگاه پٽ تي رکيل ”گنج شريف“
ل . قاضي موسىٰ وارو نسخو
ط . برٽش ميوزيم، لنڊن، وارو نسخو
ف. انڊيا آفيس لنڊن وارو نسخو
ش. آخوند محمد شفيع جو لکيل نسخو
ج . تاج محمد نظاماڻي جو لکيل نسخو

* تفصيل لاءِ ڏسو اسان جو ڪتاب ”شاهه جي رسالي جا سرچشما“ شاهه عبداللطيف ثقافتي مرڪز ڪاميٽي، ڀٽ شاهه، ١٩٧٢ع.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

ت. ٽرمپ صاحب وارو ڇاپو
ب. بمبئي ڇاپو (۱۲۸۳ھ)
بمبئي ڇاپو (۱۲۹۳/۹۲ھ)
بمبئي ڇاپو (۱۳۰٦ھ)
بمبئي ڇاپو (۱۳۲۹ھ)
بمبئي ڇاپو (۱۳۴۰ھ)
س. ۱۹۰۰ع وارو سرڪاري ڇاپو
ق. مرزا قليچ بيگ جو ترتيب ڏنل ڇاپو

ن. ب.

---

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

# سر ڪنڀات

## داستان پهريون

[ ١ ]

١. ڀلائيءَ جو ڀيرُ، پيشانيءَ ۾ پرينءَ کي
٢. آڳَڻِ اُڪنڊين جي، ڏي پاڻ وهي ڀيرُ
٣. قمرُ پاڙي ڪيرُ، شمسُ سپرين سين.

[ ٢ ]

١. ڀلائي آهينِ، پرين ڀلائي پاڻهنجي
٢. سڀاجها سِرِ چڙهي، ڏوراپو نه ڏينِ
٣. مون ڏٺا مديون تين، سڄڻ سڄاڻن ۾.

[ ٣ ]

١. ڪٿي نهيءَ خمارَ مان ڪيائون ناز نظرَ
٢. سُورجَ شاخون جهڪيون، ڪومائو قمرَ
